# چُلڪيا نيڻ ڪٽورا

(شعري مجموعو)

آثم ناٿن شاهي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇُلڪيا نيڻ ڪٽورا

(شاعري)

از:

آثم ناٿن شاهي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

2006ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون — سال 2006ع — تعداد هڪ هزار

قيمت: پنجانوي رپيا
**[Price Rs. 95-00]**

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)**
**Email Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

---

هيءَ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو-
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ٻوليءَ جو سُريلي شاعر "آثم" ناٿن شاهيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻهراڙيءَ جي ماحول، رسم و رواج، حالات واقعات سميت پيار ۽ محبت جا دل لڀائيندڙ عڪس ۽ اولڙا ملن ٿا. آثم ناٿن شاهي بنيادي طرح فطرت جو شاعر آهي. هن جا خيال، جذبا ۽ احساس فطري لقائن ۽ مظهرن جو سنگم آهن. هن شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ جدت ڪي نہ، پر قومي ترقيءَ جي روشن پهلوءَ کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. 'آثم' جو پڪو ايمان آهي، تہ جدت ڪا شيءِ نہ آهي، جدت جي عمر بنهہ ٿوري آهي، پر اصل ڳالهہ انساني ترقيءَ جي آهي. شاعريءَ ۾ اهڙن جذبن ۽ احساسن کي اهميت ڏني وڃي، جنهن سان انساني ترقي ۽ وقار جو ٻول بالا ٿئي.

بورڊ جنهن وقت آثم ناٿن شاهيءَ جو ڪتاب شايع ڪري رهيو آهي، اُن وقت اسان جو هيءُ پيارو شاعر صحت جي حوالي سان اگهاڻپ جي حالت ۾ آهي. اسان پنهنجي شاعر جي صحت ۽ وڏي ڄمار لاءِ ڏٽيءَ جي در دعاگو آهيون، پر جيڪڏهن اسان سچي جڳ جي شاعريءَ مان ڪي بنيادي نوعيت جا پيغام حاصل ڪرڻ چاهيون، تہ اسان کي ان سلسلي ۾ هڪ سنيهو اهو بہ ملي ٿو، تہ هر انسان هن دنيا ۾ مسافر آهي پر تخليقڪار پنهنجي تخليق جي صورت ۾ هن جڳ اندر موجود رهي ٿو. اها ابديت ئي ادب جي وڏي وٿ آهي. بورڊ پنهنجي شاعر جو هيءُ مجموعو اندر جي اُڪير مان شايع ڪندي، مانوارن پڙهندڙ جي خدمت ۾ ان اميد سان پيش ڪري ٿو، تہ هو پنهنجي ٻوليءَ جي ٻلوان شاعر جي هن تازي تحفي کي دل و جان سان قبول ڪندا.

ڄام شورو، سنڌ

اربع، ٣ - رمضان المبارڪ ١٤٢٧هہ

بمطابق 27- سيپٽمبر 2006ع

**اعجاز احمد منگي**

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

# مهاڳ

## روشني

مان خيرپورناٿن شاهه کان موڪلائي، خير سان، جڏهن ڪراچيءَ سان اچي مليس، تہ ڪراچيءَ جهڙي من- موهڻيءَ محبوبا سان منهنجي ملاقات بہ، مون کي پنهنجي جنم- ڀوميءَ جي وڇوڙي جي غم کان ٻاهر نہ ڪڍي سگهي. ڪيترا ڏينهن مان بہ اُداس اُداس رهيس ۽ منهنجي شاعري بہ مون کان رُٺي رُٺي رهي، پر پوءِ هوري هوري هانءُ هرندو ويو، ۽ جڏهن ڪراچيءَ سان ڪجهہ ناهہ ٿيو، تڏهن شاعري بہ مون سان پرچي پئي، ۽ اُن سمي کان اڄ تائين، هن نئين- سر جيڪي رنگ روپ ڏيکاريا ۽ سالن جا سانديل راز سَليا، اُهي اوهان جي آڏو آهن.

هتي هڪ ڳالهہ ڪندو هلان: مڃان ٿو تہ ڪراچي ڏاڍي ڏاڍي وڻندڙ ۽ ورونهن واري نازنين آهي، پر، منهنجي ميري سيري، سادڙي ۽ سٻاجهي جنم- ڀوميءَ جي ياد، مون کان هميشہ هميشہ لاءِ ڪسي وڻڻ، ڪراچيءَ جي وَس کان وڏي ڳالهہ آهي.

ان کان سواءِ، هن مجموعي ۾ اُها شاعري بہ شامل آهي، جيڪا مون پنهنجي شهر خيرپورناٿن شاهہ ۾ رهندي پئي ڪئي آهي. جنهن ۾ ٻهراڙيءَ جي ماحول جا عڪس، نِجُ، نيٺ ۽ اصلي ڳوناٺي ٻولي، اُتان جي رسمن ۽ رواجن جا خاڪا ۽ اُتي وقت بوقت جنم وٺندڙ واقعن ۽ وارتائن جون ڪهاڻيون بہ آهن. پوين ڪجهہ ڏهاڪن ۾ لنبي- چوڙي مارشل لائن جي دَور جا اولڙا، ون- يونٽ خلاف ليکڪن جي سر- ٽوڙ ڪوشش ۾ منهنجو تخليقي ڪردار ۽ ايم. آر. ڊي (1983ع) تحريڪ جي عرصي ۾ انتظاميا پاران انسانن جي چير-ڦاڙ جا قصا بہ ان شاعريءَ ۾ موجود آهن. جنهن لاءِ پنهنجي ياداشت کي جاڳائڻ ۽ ذهن کي ماضيءَ ۾ وٺي وڃڻ جي ضرورت آهي.

هن ۾ مون پنهنجي ڪجهہ شروعاتي شاعري بہ اِن ڪري شامل ڪئي آهي، جو اُها بہ منهنجي شاعري آهي- منهنجي سوچ جو سفر، منهنجي ذهن جو

پورهيو- پنهنجي پورهئي کي ڪڏهن ڪيئن تو اُجلي سگهجي؟ اهڙي شاعريءَ تي، منهنجي همعصر ساٿاري شاعرن جو چانورو ۽ جن ٻوليــن جــي (عربــي- فارسي) ٿوري گهڻي تعليم مون کي ملي، انهيءَ جو اثر لڪو ڪونہ آهي، پر اُهو اثر ايترو بہ ڪونهي، جو منهنجي امڙ جي زبان جو ساءُ ۽ سياءُ ئي غائب ٿي ويو هجي. مون ان ۾ انهيءَ ڳالهہ تي ڌيان ڏنو آهي، تہ منهنجي شاعريءَ جي ٻولي صاف ۽ سٺائي هجي ۽ منهنجي اها شعوري ڪوشش اڳتي هلي، وقت ۽ تجربي سان ملي، ٻوليءَ کي نج، سُهڻو ۽ سٺائو بڻائيندي وئي آهي.

هي جو هن صديءَ جي ڏهين ڏهاڪي جي شروع کان وٺي، چڱا چڱا، نئين سوچ رکڻ وارا نوان- نيٺي شاعر ريسَ جي رَيس ۾ شامل ٿي ويا آهن، جن جي ڳاٽي تي هڪجهڙائيءَ جو جِنُ چڙهي ويو آهي، هڪ ئي بحر- وزن، هڪ ئي ردمَ، هڪجهڙي سٽاءُ جا قيدي بڻجي، ساڳي زمين ۽ ساڳي آسمان ۾ شاعري ڪري رهيا آهن. ائين لڳي رهيو آهي، تہ ڄڻ هڪٻئي جو نقل پيا ڪَن، ساڳين ساڳين موضوعن ۽ ساڳي ساڳي ڳالهہ کي ٿورن گهڻن اکرن جي مَٽا سَٽا سان شاعريءَ جي شڪل ڏيندا ٿا رهن- تہ هن ڪتاب جي شاعريءَ ۾ اهڙو ڪو ورجاءُ نظر نہ ايندو. نہ رڳو هلندڙ ڏهاڪي جي شاعريءَ تي پر گذريل ٽيهن- ٻٽيهن سالن ۾ ٿيل شاعريءَ کي ڏسجي تہ هن شاعريءَ جو آواز بنهہ نيارو، لهجا نوان، انداز الڳ، نوان نوان موضوع، ڪيترائي بحر- وزن ۽ سٽاءَ ڏسڻ ۾ ايندا. ماڊرن شاعرن واري رِيسَ ۽ هڪجهڙائي بلڪل ڪانہ آهي.

سنڌي ٻولي ايتري وڏي، ايڏي گهڻي ۽ اهڙي موڪري آهي، جو شايد ئي دنيا جي ٻي ڪا ٻولي هن جي برابري ڪري سگهي. هن ۾ لفظن جو ايترو خزانو آهي، جنهن جو ڪاٿو ڪرڻ مشڪل تو لڳي. خاص ڪري ٻهراڙين ۾ اهڙا نِج، ٺيٺ اصل لفظ ڳالهايا ٿا وڃن، جن جي معنيٰ ۽ مقصد جي خبر، شهرن ۾ پيدا ٿيل نئين نسل جي پيڙهين مان ڪنهن ڪنهن کي ئي هوندي، سڀ ڪنهن کي آهي ئي ڪانہ. تنهنڪري ڪتاب ۾ جتي جتي اهڙا لفظ آهن، اُنهن جي معنيٰ ۽ مختصر سمجهاڻي ڏيڻ ضروري هئي، سو انگن جا نشان ڏئي، فوٽ نوٽ (حاشيي) ۾ انهن کي سمجهڻ جوڳو بڻايو ويو آهي. ڪجهہ

سنڌي لفظ اهڙا بہ آهن، جن جون ڪيتريون ئي پڙهڻيون ٿي سگهن ٿيون. جهڙوڪ: "ڪَري، ڪِري، ڪُري، ڪَرِي، ڪِرِي" يا "لَڪ، لِڪ، لُڪ، لِڪَ" وغيره. اهڙن اکرن تي جيڪڏهن زيرون زبرون نہ ڏنيون وڃن، تہ جملي/شعر جي اصل معنيٰ تائين پهچڻ ڏکيو ٿيندو. سو، اهڙن لفظن تي زيرون زبرون لڳايون ويون آهن، جيئن پڙهڻ وارو صحيح طرح پڙهي ۽ سمجهي سگهي، تڏهن اُنهن جو ساڳيءَ صورت ۾ ڇپجڻ بہ تمام ضروري آهي.

مان جدت (نواڻ) کي نہ، پر ترقيءَ (اڳتي وڌندو رهڻ) کي مڃيندو آهيان، ڇو تہ جدت ڪابہ جدت ڪانهي، جدت (نواڻ) جي عمر ٿوري ٿيندي آهي. هن ڪتاب جي شاعري، سچ، سونهن ۽ نياءَ جي طرفداريءَ ۾ ڪيتري ڪَڙي، ٽِڪي ۽ اڳتي وَڌي لکيل آهي، تنهن جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ هيءَ شاعري وقت جي رسالن، اخبارن ۽ ميگزينن ڪنهن امڪاني خوف کان، ڪڏهن بہ ڇاپڻ جي همت نہ ڪئي آهي.

مون کي اميد آهي تہ هيءُ ڪتاب ڇپجي، حقيقي پارکُن جي آڏو ايندو ۽ اُهي هِن ۾ ڏنل مواد (شاعري) جي سَچائيءَ ۽ ڪَچائيءَ تي دل کولي لکندا.

هِن ليکَ جي پڇاڙي، انهيءَ ڇنائيءَ سان، تہ مان پنهنجي ڪتابن جي مهاڳ ۾ گهڻي ريڙهہ- پيڙهہ ۽ اينگهہ- ديگهہ کان بچڻ لاءِ، لاطيني، اطالوي، آمريڪي، فرانسيسي، يوناني، روسي، چيني، ۽ جپاني اديبن جا حوالا هروڀرو نہ ڏيندو آهيان، نہ اُنهن سان ڀيٽ ڪندو آهيان. هونئن بہ مان انگريزي پڙهيل ئي ناهيان، تہ انگريزي ادب جي حوالن جو سوال بہ ڪونہ ٿو پيدا ٿئي. مون وٽ خالص پنهنجون سوچون، پنهنجا جذبا ۽ پنهنجا خيال آهن، ۽ بس!!

"يورپ جو پينوُ ناهيان،
سنڌي اديب آهيان."

**آٿم ناٿن شاهي**
بِهار ڪالوني، ڪراچي

ڊسمبر 1994ع

ڇَلڪيا نيڻ ڪٺورا تُنهنجا،
پرمَ ٿيا اڄ پورا تَنهنجا!

تُنهنجي پيار ڪرڻ جا ساکي:
هِي سڀ هوراءِ ڪورا تُنهنجا.
(آٿم)

تهدل سان:

جن سچ، سونهن،

۽ سنڌ لاءِ پنهنجا سر ڏنا ۽

انهن سيني سورمن جي نانءُ.....!

(آثم)

# نظم

سوچن جي ساگر ۾ اکثر-
ٻُڏندو، ٻُڏندو، ترندو آهيان.
هرهڪ ڪاريءَ رات جي ڪُک مان-
ٻٽجي ٻاڪَ اُيرندو آهيان.

❖

اهو ڪير آهي؟ جو سامهن اچي ٿو: نہ غمگين آهي نہ مسرور آهي،
اَبالو اَبالو، بڪيو ۽ اُگهاڙو، ڪمائيءَ ڪان لڳ لڳ سندس چور آهي،
فرشتن جو مسجود، آدم جو اولاد، ماڻهوءَ جي نالي سان مشهور آهي،
مگر، ڪي بُري سوچ وارا چون ٿا تہ: "هي هڪڙو ٽڪي جو مزدور آهي!"

هي: جهوپڻ ۾ رهندي ۽ ويران ڌرتيءَ کي آباد رکندي بہ برباد آهي،
هي: دنيا کي هر حال ۾ شاد رکندي بہ افسوس جو پاڻ ناشاد آهي،
قلندر بہ آهي، تونگر بہ آهي، حياتي گذارڻ جو اُستاد آهي،
اَميري- فقيريءَ جي جهڳڙن ڪان آجو، گهٽي ڊيگهہ ڪان اڃ بہ آزاد آهي.

اِهوئي تہ آهي، جو مسڪين هوندي بہ سوچي رهيو آهہ سڀ جي ڀلائي،
اِهوئي تہ آهي، جو ادنيٰ سڏائي، اميرن جي ظاهر ڪري ٿو وڏائي،
اِهوئي تہ آهي، جو "للـلـهيت" ۾ ۽ "فرعونيت" ۾ ڪري ٿو جُدائي،
اِهوئي تہ آ، جنهن جي دَمَ ساڻ آهي، هتان جي خدائن جي يارو! خدائي.

اي سرمايہ دارو! ڏسان ٿو، تہ هن تي اوهان هر طريقي سان شدت ڪيو ٿا،
!وهان جهڙوئي هي بہ انسانُ آهي، اوهان ڇو ڀلا هن ڪان نفرت ڪيو ٿا؟
جي تذليل/تحقير هن جي ڪيو ٿا، تہ جهڙوڪ توهينِ قدرت ڪيو ٿا،
هي دولت جي نَشي ۾ ڪيڏي نہ انسانيت سوز هر وقت حرڪت ڪيو ٿا!

اوهان جي ئي پيٽن ڀرڻ لاءِ شب- روز محنت ڪري ٿو، ڏکن ۾ ڳري ٿو،
اوهان جي پيئڻ لاءِ، هي پنهنجي رَت ۽ پگهر سان اوهان جا پيالا ڀري ٿو،
اوهان جي ڍَڪڻ لاءِ تَندن ڪچين مان هي اطلس ۽ زربفت پيدا ڪري ٿو،
اوهان جي جيئڻ لئہ جئي ٿو اي مُحسن ڪُشو! ۽ اوهان جي مرڻ لئہ مري ٿو.

نہ نفرت ڪيو هـِـن ڪان سرمايہ دارو! هي عـزت/محبت جـو حقـدار آهـي، هي دنيا جي ”ميوزم“ ۾ او بيوقوفو! رکيـل دستِ قدرت جو شـهڪار آهـي، حَـقيقت جي نظرن سان جاچـي ڏِسو هن کي، انسـانيت جو هـي معمـار آهـي، اوهـان ڇـا ٿـا سمجهـو انهـيءَ کي الائـي؟ هي منهنجي نظر ۾ تـہ اوتـار آهـي!

(مئي 1963ع)

❖

منهنجي اُن ڪم ۾ رُڪاوٽ نہ وجهو اي يارو!
جنهن جو بُنياد صداقت تي رکيو ويو آهي،
اهڙو آوازُ دٻائڻ جي ڇڏي ڏيو ڪوشش،
جيڪو حق- سچ جي حمايت ۾ ڪڙو نيو آهي.

منهنجي ڇُر-پُر تي ڪا بندش تہ اوهان وجهندءُ، پر،
منهنجي جذبن کي اوهان ڪونہ دٻائي سگهندا.
منهنجا سڀ دوست، اوهان مون کان ڪسي سگهندءُ، پر-
منهنجو فن مون کان اوهان ڪونہ ڇڏائي سگهندا.

پنهنجي جذبات جو اظهار ڪرڻ لئہ مون وٽ:
هڪ قلم ئي نہ رڳو آهہ، زبان پڻ آهي.
منهنجي نيڪيءَ جو عوض، مون کي ڏيڻ لئہ تيار-
هي جهان نانہ، تہ بيو هڪڙو جهان پڻ آهي.

تي سگهي ٿو تہ وڃي جسم فنا ٿي منهنجو،
روح کي ڪوبہ رسائي نہ سگهي ٿو نقصان،
جيِ پاڙئون جي اوهان منهنجي پٺتي پڻ وننڌا،
منهنجو آواز فضائن ۾ بہ هوندو رقصان.

جيڪو آواز دٻائڻ ٿا گُهرو منهنجا دوست!
نيٺ هڪ ڏينهن ضميرن کي اُٿاري وجهندو.
۽ سچي ملڪ ۾ طوفانُ بپا ٿي ويندو،
اهڙو طوفان جو مُردا بہ جياري وجهندو.

منهنجي اُن ڪم ۾ رُڪاوٽ نہ وجهو اي يارو!
جنهن جو بُنياد صداقت تي رکيو ويو آهي.
(جولاءِ 1963ع)

❖

نگاهن سان، نگاهن جي ملڻ تي،
ڪئي منهنجي اکين هڪڙي تقاضا.
ڪيو هُن جي اکين هوڏانهن وعدو:
"مِلي وجبو سِگهو تو ساڻ پيارا!"

اچي تي هُن طرف کان پيئي خوشبو،
ملڻ جون خاص تياريون ٿيون ڏِسجن.
هَوا پيغام آمد جو ڏئي تي،
اُمنگون ٿيون نچن/ ڳائن ۽ جهومن.

عموماً چنڊ جي موجودگيءَ ۾،
ستارا جهانورا/ مَدّم رهن تا.
مگر، هن چنڊ سان گڏ ڪوڙ تارا،
چُنيءَ تي ٽمٽمائيندا اچن تا.

ٽِڙن تا پير، ٽِڙڪي تو بدنُ پيو،
وِڪون جئن پوءِ تِئن رُڪبيون وڃن ٿيون،
مگر ياڪر ۾ آڻ لاءِ هن ڪي-
بَہ بانهون اڳتي ئي وَڌنديون وڃن ٿيون!

بَہ ڪوسا ساهه هڪ ٻئي ساڻ گڏجي،
وِڇوڙي جي گَهڙين کي تا جَلائن،
ڇهي هڪ ٻئي کي چَپَ منهنجا ۽ هُن جا،
دلين جي ڌڙڪڻن کي تا مِلائن.

فضا خوشين جون جهوليون تي ورهائي،
ڪيو سينگار مخلوقات آهي،
لڳي هر جهُوپڙي تي محل جهڙي،
وَسِي پئي نُورَ جي برسات آهي.

اڄوڪي رات، پياري رات آهي،
تيا پيارن ڪي حاصل پيارَ آهن،
ٽڙيون آهن تمنائن جون مکڙيون،
طلب جا ٿهڪ اڄ گُلبارَ آهن.

”ڪرام ” ڪاتبينو!“ اڄ اوهان يي-
ڪيو هڪڙي اسان تي مهرباني،
وڃو ڪجهه وقت ٻاهر، جو مَلي آ،
جوانيءَ ساڻ شرميلي جواني!
(مارچ 1964ع)

❖

دنيا ۾ هجي ها نہ جي ايڏو انڌيرُ،
پَڪ آ تہ، پو پيدا ٿي پوي ها ڪو شيرُ،
او شمس[1] ! او منصور! او سرمد صوفي!
ڏاڍن ڪان وٺي جيڪو اوهان جو ها ويرُ[2] .

او شمس! خدا ترس ذرا ڏينم تہ ڪَلَ[3] ،
چو، توتي نہ اُن وقت پئي ڪنهن کي ڪَهل؟
مُردي کي جياري، تو بچايو جن کي-
ڳڙجي ٿي اُنهن تُنهنجي جڏهن لاٿي کَلَ.

منصور! او مظلوم، خدا جا ساسي!
ڏاڍن سان خطا ڪهڙي هئي تو باسَي؟
حق توکان "انالحق" تي چَوايو- تو چيو،
ان ڳالهہ تي ڪيئن توکي ڏنائون ڦاسي؟

ها، عشق جي هڪ آهِ اها پي سرحد:
معبود کي سجدا ٿا جتي ڪن عابد،
تو، پنهنجي "اَيي چند" کي پوڄيو ٿي، تہ پوءِ-
تلوار سان توکي چو ڪُٺائون سرمد؟

چئبو تہ اجا نند پيو آ احساسُ،
انسانُ اجا آهِ اُهوئي راڪاسُ.

---

[1] شمس = شمس تبريزي، جنهن لاءِ روايت آهي تہ هن هڪ بادشاهہ جي مئل پٽ کي "قُم باذني" چئي جياريو هو.

[2] ويرُ = بدلو.

[3] ڪَلَ = خبر

ليڪن، نـ تيـڻ گهرجي اوهـان کـي مـايوس،
بيـداد[1] جـي تـي ويـنـدي اَوَس سـَــتياناسُ.

هــڪ ڏينهــن زمــاني ۾ اچــي ويـنــدو قيـــرُ-
گجگـار کـري اُٿنـدو جـڏهن ڪوئـــي شـيرُ،
اُن وقــت او مظلــوم! اوهــان پـــَــڪَ ڇــاٽو:
ڏاڍن کــان اوهــان جــو ٿـي وتــو وينـــدو ويــر.
(سيپٽمبر 1964ع)

---

[1] بيداد = بي انصافي (ظلم).

❖

ڪجهہ ڏهاڙن ڪان ڏسان ٿو، تہ تون هوري هوري،
منهنجا محبوب! مون ڪان ڏُور وڃين ٿو ٿيندو،
جيڪڏهن ڏُور گذارڻ جي رهي ايئن رفتار،
تُنهنجو ديدار بہ مون لئہ تي مهانگو ويندو.

او رُسڻ وارا! رُسڻ جو ڪو سبب پي آهي؟
ڪا خطا، وهم، ڪوئي خوف، يا ڪا مجبُوري!
چا چيئہ؟ "هاڻ فقط تُنهنجو رهيوئي ناهيان-
هر بشر ساڻ اٿم پيار"، تڏهن آ دوري!!

هي غلط آهہ چوَڻ تنهنجو، او منهنجا محبوب!
ذات انسان سان اِن لاءِ اٿم دلچسپي:
مانَ بہ انسان ئي آهيان ۽ ڏسان ٿو جڏهين-
ڪوبہ انسانُ ڏکن ۾، تہ پوان ٿو تڙپي.

روح جو توسان، پين ساڻ آ رَت جو رشتو،
توسان عشق آهہ، پين ساڻ اٿم همدردي،
ايتري فرق جي هونَدي بہ اگر تون مون کي-
هيئن اڪيلوئي ڇڏي ويندين هليو بي دردي:

دل جي هڪ تارَ ڇڃي پوندي، مڃان ٿو سائين!
ڏَڙڪندي پيئي مگر پوءِ بہ اُبتي سُبتي،
منهنجي دل ناهِ ڪا موم، جو رُنل راڻي لئہ-
هجر جي ڏاگهہ ۾ ٻَل ڏيئي سَڙي ٿيندي ستي!

هـــا، رڳـــو ايتـــرو ٿينـــدو تـــہ انهـــيءَ حـــالت ۾،
منهنجي مقصد جي مون کان ٿيندي ڏُکي ڪجھ تڪميـل.
آدميـــت جـــي حفـــاظت ۽ ترقـــيءَ جـــو نظـــام-
ذهـــن ۾ رهنـــدو، مـــگر ديـــر ســـان ونئـــدو تشـــڪيل.

تون نہ ڇڏ، تنهنجو هجي ساٿُ، تہ تُـنهنجي ڏڍَ[1] تـي،
مـــان پهـــاڙن جـــا جـــگر چيـــري ۽ ڦـــاڙي وجهنـــدس.
اڄ، جـــا انســـانَ غلـــط واٽ وجـــي ورتـــي آ-
مـــان انهـــيءَ واٽ کـــان انســـان کـــي لاڙي وجهنـــدس!
(فيبروري 1966ع)

---

[1] ڏڍَ = آسرو، دلجاءِ، طاقت.

❖

ٻُڌم ته: تُنهنجي ڏهاڙن ٻه- ٽن ۾ ٿي ويندي-
شهر کان ڏُور ڪٿي. هڪ جوانَ سان شادي.
ڏنم ته: تُنهنجي پَرڻجي وڃڻ کان سوء جلدي-
ٻِئي غريب جي هٿ تي وَڪي ٿي بربادي!

اڳي ٻه پنهنجي ئي پيءُ- ماءُ جي ڏِسي مرضي،
ڳَنڍيو هُئو تو "قريبي عزيز" سان ناتو.
هينئر ٻه پنهنجي اُنهن وارثن جي لڄ خاطر:
نه چاهيندي ٻه "نئون ڳٽُ" ڳچيءَ ۾ تو پاتو!

اڳيون سُڄو هو. مگر تنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي:
ڏِني ها پنهنجي حياتيءَ جا واسطا وِڪڻي،
هتي ته تُنهنجا وڪامي ويا حقوق سڀئي-
سڄي ڄَمار اِنهيءَ "مُلهه" ۾ وَهُه پئي سَگهي!

اڳئين کي زهر پيارڻ کان اڳُ. ائين توکي-
ٻئي سان ڪيرَ پيئڻ جو ذرو ٻه حق نه هُئو.
جَي تُنهنجو ايترو وَسُ ٻي هَلي نه ٿي سگهيو.
ته توکي جَڳَ ۾ جيئڻ جو ذرو ٻه حق نه هُئو.

گُڏِي رَبڙ جي. او گُگدام پينڙي منهنجي!
اي ڪاش! توکي خدا کا زبانَ ٻي ڏئي ها!!

(جولاء 1966ع)

---

❖

اي ڪراچي! مُلڪ ساري جي سَيـن شهرن جي حُور!
اي ڪراچي! تُنهنجو جَلوو، چڻ تہ ڪَنهن گوريءَ جي گُهور،
اي ڪراچي! حُسن جا ساگر ۾ رومانن جي نَهر،
اي ڪراچي! پيارَ جي پالوٺ ۾ مستيءَ جي لَهر،
اي ڪراچي! روشنين جي ڪاڻ ۾ تَهڪن جا بَحر،
اي ڪراچي! رنگَ جا سيلاب، خوشبوئن جا شَهر،
اي ڪراچي! مورڙي جي حوصلن جا داستانَ،
اي ڪراچي! سنڌ ۾ سنڌين جي عظمت جا نشانَ،
تون "ڪلاچيءَ واري ڪُنَ" مان اوچتو نڪتينءَ تري،
ڇانئجي وئي آ هينئر دنيا تي تُنهنجي بَرتَري،
تُنهنجو هر هڪ روڊ اهڙو، چڻ تہ آ هيرَن جو واهُ،
تُنهنجو هرهڪ موڙُ موتائي وجهي مُئلن ۾ ساهُ،
ٽيڪسين، جيپُن جي هيءَ هڪ بئي پُٺيان لَنبي قطارَ،
ڇلڪٽي ڳَل ڪنهن جي تي، چڻ پئي هَلي لُڙڪن جي لارَ،
ناريَل ۾ سَرَو جا وِڪ وِڪ تي وَڻ ايئن تا لڳن،
چڻ محاذِ جنگ تي سَنبريا سپاهي تا وڃن،
الغرض: هر چيز آ موجود تُنهنجي گود ۾ -
۽ بظاهر آ سَيـن ماڻهن جو بوتو[1] بود[2] ۾.
پر، جِتي تو ۾ هي ڇَهہ- بَهہ /ڇَهڇَٽو، ڇُٽڪو بہ آ،
ذهن منهنجي ڪي اُتي توڏانهن هڪ ڪُٽڪو بہ آ:
تُنهنجي ياڪُر ۾ اڃي ڪو پيڙہو رَهندو تہ ناهہ؟
تُنهنجي دامَن ۾ رهي پي سورَ ڪو سَهندو تہ ناهہ؟
ايريا تُنهنجيءَ ۾ ڪو تَسيا بہ ڪاٽيندو تہ ناهہِ؟

---

[1] بوتو = بدن، جسم.
[2] بود = سُک، موج، مستي.

ڪو اگهو، ڪنهن جهوپڙيءَ ۾ خون ٿوڪيندو ته ناهه؟
گرم موسم ۾ اگهاڙو جسم ڪو ٽچڪيو ته ناهه؟
سردين ۾ ساهه ڪنهن جو سيءَ ۾ ترڪيو ته ناهه؟
تُنهنجي جهوليءَ ۾ جهلي ڪنهن گُل ڪڏهن گولي ته ناهه؟
ڪنهن أمڙ جو ”پينگهو پالهو[1]“ ۽ لُٽيل لولي ته ناهه؟
تُنهنجي ماڙين ۾ جهليندو ڏنگ آ. ڇا ڪوئي ڏيل؟
ڪنهن ستيءَ جو ”پياڪ“ پي وننڊا ته ناهن ست ۽ سيل؟
جي ائين آهي، ته تُنهنجي هاڪ کهڙي هاڪ آ.
رات ڀر درياهه تي وسندي رهي ڇڻ ماڪ آ.
جي ائين آهي، ته توتي هيءَ وڏي هڪ چوٽ آ.
تُنهنجي شهرت، تُنهنجي عظمت ۾ اجا ڪجهه کوٽ آ.

اي ڪراچي! روپ - راڻي! شل رهين سُهٽي سدا.
پنهنجي هن مهمان شاعر جي ٻُڌي ڇڏ التجا:
”آئيندي جي لاءِ پنهنجي شان جي پارت هجئي،
مرڪزِ اقوام! هر انسان جي پارت هجيئي!“
(ڪراچي، آڪٽوبر 1967ع)

---

[1] پينگهو پالهو = پينگهو خالي ٿيڻ.

❖

هُن ڪنڌيءَ تي سَچُ سورُيءَ سانبُرو[1]،
هـِن ڪنڌيءَ ماڻهو ۽ اُن جي آبرو،
وچ ۾ درياهُ ڪارو ڪوڙ جو،
تيز وَهندو تو رهي ڏاڍڪا ڪندو:

چوڙ اُن جو آهِ اهڙي جاءِ تي،
جنهن هنڌان ڪا شَيءِ نہ تي موٽي اچي،
وهڪرو اُن جو تڪو- اهڙو تڪو،
ڪيترا چَٽانَ لوڙهي تو وڃي،
شورُ ان جو ايترو پُرزور آ،
ڪيترا آوازَ پوڙي تو ڇڏي.

پو بہ آ انسانَ جي ڪوشش اِها:
سَچ تائين، ڪيئن بہ، پر پُهچجي ضَرور،
پو بہ آهي سچَ جي خواهش اِها:
آبرو انسانَ جي قائم رهڻ گهرجي ضرور!

۽ پيو انسانُ ڪاهي آ ڪُنن ۾ دل ڪري:
تيزُ تَرندو تو وڃي، هٿ- پير هڻندو تو وڃي،
سچ ڪي سوريءَ تان لاهڻ واسطي.

سَچُ بئي پانهون ڊگهيڙيو بيٺو آ:
وقت ڪان ويڙي وَيل انسانَ پنهنجي دوست کي،
پنهنجي ڇاتيءَ ساڻُ لائڻ واسطي.

(جنوري 1969ع)

---

[1] سوُري سانبـُرو = سوريءَ جي ويجهو ڦاهيءَ تي چڙهڻ وارو.

❖

آويءَ آويءَ ٻرندو آهيان.
پَل پَل منجهه پَچرندو آهيان.

ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن سَچي ۾،
جيئندو آهيان مَرندو آهيان.

سوچُن جي ساگر ۾ اڪثر،
ٽُٻندو، ٻُڏندو، تَرندو آهيان.

ڪيڏيءَ مهل، الائي ڪاٿان،
ڪنهن لئه واپس وَرندو آهيان؟

هرهڪ ڪاريءَ رات جي ڪُک مان،
ٻئجي باکَ اُڀرندو آهيان.

ويڻ ٻُڌي وِهُه جهڙا ڪنهن جا،
سرنديءَ آ هر ٽرندو آهيان.

ڪڏهين پربت وانگر اَڻ - ٽَرُ،
ڪڏهين ڳَڙَ جيان ڳَرندو آهيان.

ڏاڍن کان ڏَرُ ناهي ٿيندو،
ڏُٻرن کان مان ڏَرندو آهيان!
(جنوري 1975ع)

❖

مـــون ڪـــي رَتُ رُئـــارڻ وارا،
شــل توڪـي پـي نـَڪـــهير اچــي!

دل ۾ ٻـــــارَڻُ ٻــــارڻَ وارا-
مـــون ڪـــي رَتُ رُئـــارڻ وارا!

ايـــــڏو ڏور گــــــــذارڻ وارا-
ڏِسُ منهنجي مـَــنَ جـا جهيـر اچـي!

مـــون ڪـــي رَتُ رُئـــارڻ وارا-
شــل توڪـي پـي نڪهـــير اچـــي!

(جون 1982ع)

---

❖

تُنهنجي دل تان، منهنجي ڇا تصوير ڏٽي،
دنيا جي تختي تان ٿي مِٽجي ويو هان،
ڇڻ ڪنهن بَمَ سان مندر جي تعمير ڏٽي!
تُنهنجي دل تان منهنجي ڇا تصوير ڏٽي!!

نَهندي نَهندي منهنجي هر تدبير ڏَٽي!!
پنهنجي واتان، پاڻ ٿي پِٽجي[1] ويو هان،
تُنهنجي دل تان منهنجي ڇا تصوير ڏٽي-
دنيا جي تختي تان ٿي مِٽجي ويو هانَ!
(اپريل 1984ع)

---

[1] پِٽجي وڃڻ = بد دُعا، لڳي وڃڻ.

## امرتا پريتم ڇَوائي

تُوهَر جي رَس، جهڙي ڪَوڙي:
سَچ جي سُرڪ بہ تهڙي ڪَوڙي.
تُوهَر جو جِئن ٻج نہ آهي-
سَچ جو پي تِئن ٻج نہ آهي،
پوءِ بہ تُوهَر جوءِ جَهجهيءَ[1] ۾،
پوءِ بہ سَچ آ پونءِ سڄيءَ ۾.

تُوهَر جا ڪجهہ ٻُوها اُڏري-
جوءِ اندر جنهن هنڌ ڪرن ٿا،
تا ٿي: پنهنجو پاڙُ ڦُٽَن ٿا.

سَچ يي پاڙَ ڪي پَرَ لڳائي-
جڏهين اُڏري پوندو آهي،
هِٽ هُتَ اُيري پوندو آهي.

هُو يي ڪَوڙو، هي يي ڪَوڙو،
جَڳ ۾ هيءُ نرالو جوڙو.
هُو يي ڪنهن ڪي ڪونہ وڻي ٿو،
هِي يي ڪنهن ڪي ڪونہ وڻي ٿو،
پو بہ وَڏن پيا، سيکو چوندو-
دنيا ڪي يي مَٺو پوندو.

(جولاءِ 1985ع)

---

[1] جهجهي = گهڻي، هيڪاندي.

❖

چيـائون: ”ٻـُـڪئي- پيـٺ، اَنگيـن اُگهـاڙا.....؟“
چيـم: ”هـا، اُهـي اڄ ٻــ ڇـِـپجنَ پيـا تـا.“

چيـائون: ”تـ سـُـڪَ جـا ڪـي ڏِسبا ڏهـاڙا....؟“
چيـم: ”هـا، اُهـي ٻـارَ نـِــپجن پيـا تـا.“

چيـائون: ”تـ ونـدَ- ورچ وارا پـَـهاڙا [1] .....؟“
چيـم: ”ڇاپـِـخانن ۾ ڇـَـپجـَـن پيـا تـا .....“

چيـائون: ”تـ آثـر! يـلا هـُـو ڪهـاڙا....؟“
چيـم: ”او ڇـَـريا! سـي تـ ڻـَـپجن پيـا تـا.“
(آڪٽوبر 1985ع)

---

[1] پهاڙ = ڪوڙا.

❖

او گـڏيل قومـُــن جـا اڳواڻـو ٻـُـــڌو!
حـَــق انســانن جــا ٻوڙيــو تــا پيــا،
بــاهمي دســُـــتور(1) ٽوڙيــو تــا پيــا!

سـَـچَ جـا بيـَــنر ٽنگـي، جلسـا ڪـري-
ڪـُــوڙ جــا راڪيــٽ ڇوڙيــو تــا پيــا!

ڏيـڍ سـَـوَ ڪـان پـي مٿـي نـاهي جهنـڊا-
پـُــونءِ جـي ڇـاتيءَ ۾ ڪوڙيــو تــا پيــا!

امــن جــو ٻـُــوٽو لڳــائي، پــو وري-
پــاڙ اُن جــا پــَــنَ روڙيــو تــا پيــا!

ميـڻُ جي ٻوتـي جـو، جـاڏي تـا گـُــهرو،
اوڏهيـن مـُــنهن اُن جـو موڙيـو تـا پيـا!

حـَــق انســانن جــا ٻوڙيــو تــا پيــا:
لوڙڻـــو پونـــدءَ ۽ لوڙيـــو تـــا پيـــا!
او گـڏيل قومـُــن جـا اڳواڻـو ٻـَــچو!!
(نومبر 1985ع)

---

(1) باهمي دستور = گڏيل منشور.

❖

هڪڙو هَٽُ: هزارين ٻَچيون گهوگها ڏيئي گُهٽي تو،
چُوندي چُوندي مُڙس مَتيرا تِن کي تيرَ چُٽي تو،
لاهي- پاهي /حَد لتاڙي: لوئيءَ لَڄ لُٽي تو.

ساٻِيو هَٽُ: ٻين جي هَٽَ مان گُل ڦُل گَئونچ ڦُري تو،
ڳاٽَ ڪٽڻ جي قيمت ڳاڻو، گُرڪِي[1] گُرگَ[2] گهُري تو،
آزاديءَ جو پُوري ٻُتَ تي چِچڙ جيئن چُري تو:
سو، آمِر جو هَٽَ، سو قاهر جو هَٽَ.

هڪڙو هَٽُ: ٻين جي هٽ ۾ تَن- مَن، ڏَنُ ڏِئي تو،
"اوتون جوتون[3]" جهڙو پيارو هڪ ڪتاب تِئي تو،
زهر- وَٽو ٽُٻٽار تِريءَ تي هڪڙيءَ ڳِيت پِئي تو.

ساڳيو هَٽُ: لکڻ لئه، مَسَ جي ڪُپڙي ڪونه ڪٽي تو،
ڪاغذ ڦاڙي، ڇُهنب قلم جي ڀَاتيءَ منجهه هٽي تو،
گيتَ گلابي آزاديءَ جا لِکندي، ڀا تہ وٽي تو!
سو، شاعر جو هٽ.

(ڊسمبر 1985ع)

---

[1] گُرڪي گُرڻ= نڙيءَ مان پيانڪ آواز ڪيڻ.
[2] گُرگَ = بگهڙ.
[3] آوتون جوتون = استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو مجموعو.

❖

ساٿي سَــپ پَــڇي ويــا آهــن،
تــاڙيون- طــاق وَڇِــي ويــا آهــن.

هـــاڻي آءٌ اَڪيلـــو آهيـــان،
سِــڄُ وجــي تــو لَــڙندو منهنجــو-
پويــاڙيءَ جـــو ويلـــو آهيـــان.

”منهنجـــي ننـــديڻ وارا جيـــڏا!
ڏڪي- ڏڪَــر منجهــ، اوهــان ڪــي-
جَــيءَ[1] ڏنــا مــون ڪيــڏي، ڪيــڏا.“

”پَـــڙَ ۾ بيهـــي رانـــد رچـــايو،
آڳيئَـــڙي[2] ڪـــي تيڪـــائڻ لئـــ-
”اِٽـيءَ[3] ڪـي ڪـو اُيُ گهمـــايو.“

”جوانـــيءَ وارا- پَـــنيي ڏاڙهِـــي،
”منهنجـا سـنگتي! پِـــڙَ ۾ پهچـو-
”جـوڙا جـوڙا: پيچـي /هـاڙهي[4]!

---

[1] جيءَ = پُوائنٽ.
[2] آڳيئڙو = پهرين آڳ ڪيڏڻ وارو.
[3] اٽي = ڏڪي.
[4] پيچي /هَاڙهي= رانديگرن جا عهدا.

"مُـــچي نـاهي، هـت سـَــلهاڙي،
پـُـــنيون- پـُــنين سـانُ ملائـــي-
ڪيـڏو بيهـي چـورَ - بـِــلهاڙي [1] "

پـَـر، هـُــو اڄ نــ گـَــڏ تيـن تـا،
ڏاڍا واڪــــا /ســــڏ ڪيـــــاتم-
ڪونــ مـون کي ڪـو سـَـڏ ڏيـن تـا.

سـاتي سـَــپ يـَـــڄي ويـا آهــن-
منهنجـا طـاق وَڄـَـــي ويـا آهــن!!
(ڊسمبر 1985ع)

---

[1] چورَ- بِلهاڙو = هڪ راند.

❖

ٺهڪُ: ڪنهن جي لُڙڪَ جو مُلهه ڪونہ آ:
لُڙڪُ: ڪنهن جي سورُ جي ناهي دوا.
سورُ: ڪنهن پيڙا مان پيدا ٿو ٿئي.
پيڙَ: ڪو ماٺهو ئي ڪنهن کي ٿو ڏِئي.

پيڙَ ڪنهن کي جي نہ ڪو ماٺهو ڏِئي،
سورُ ڪنهن جي دل ۾ پيدا ڪونہ ٿئي.
لُڙڪَ ڪنهن جي سورَ تي ڳاڙي نہ ڪَوبہ،
ٺَهڪَ جي لئہ واتُ يي ڦاڙي نہ ڪوبہ.

پيڙَ وارو پاڻَ پنهنجي سورَ تي:
لُڙڪَ ڳاڙي-
ٺَهڪَ ڏِئي-
مرضي سندس!

(ڊسمبر 1985ع)

---

❖

"ڪير ٻُڏي ويو؟"
ڪُوڙ ٻُڏي ويو/ٻُڏندو آهي.

"ڪير لُڏي ويو؟"
تَخت لُڏِي ويو/ لُڏندو آهي.

"ڪير اُڏي ويو؟"
سَچ اُڏي ويو/اُڏندو آهي.
(ڊسمبر 1985ع)

---

❖

مـان پـي هڪــڙو مــاڻهو آهيــان،
تــون پــي هڪــڙو مــاڻهو آهيــن.

مـان توکـي جـيءَ ۾ جـاءِ ڏيـان تـو-
توکي ڇاتيءَ لايان ٿو.
مان جانِ بہ تُــنهنجي لاءِ ڏيان تــو-
توکي پيارو پانيان ٿو.

پَـر، تُـنهنجو مون کان مَـن جَـلي ٿو-
مون کي ڏِسندي وقلين[1] ٿو،
۽ توکـي جـِـئَن ٿـي وَجهہ مـِلي ٿـو-
مون کي اوجَـهڙِ اُڇلين ٿو.

پــوءِ بـــہ تولئـــہ گيـــت ســـدائين-
گڏجاڻين ۾ پڙهندس مان،
تُـنهنجي ڏُکَ- سُـک لئہ او سائين!
قاهيءَ تي پي چڙهندس مان.

تــون پــي هڪــڙو مــاڻهو آهيــن!
مــان پــي هڪــڙو مــاڻهو آهيــان!
(جنوري 1986ع)

---

[1] وِقلڻ = بي معنيٰ ڳالهائڻ.

❖

## لَوَ 1986

آڻ ڪَتِي-
لَاهـ ڪَنو!

ويهُ هتي:
روپ مَتي![1]
نرم بدَن،
"هڻ تہ چَتي!"[2]
چاءِ ڪپي،
ڪيرُ- پَتي.
ڪول بَنڻَ،
پار بَتي،
تنگ ڳلي-
راند مَتي.

چندُ لَڙيو-
چوٽ ڪَتي،[3]
ويڙهہ چِني-
رنگہ رَتي،
پاءِ وِڳو-
وَڄُ سَتي!
پيارُ پُنو-
بُڪ لتي!!
(مئي 1986ع)

---

[1] روپ متي = هڪ راجڪماري (عام طرح حَسين عورت).
[2] هڻ تہ چتي = هڪ پهاڪو جنهن ۾ حيرت جو اظهار آهي.
[3] چوٽ ڪَتي = وچ آسمان تي.

❖

اڄـــا نــــہ وڄ-
اڄـــا نــــہ وڄ-
ڇيــو تــہ مـَــڄُ!

ڇـُـــهان نــہ ٿــو-
تـــہ ڍَءُ ڪـــري:
ڏِســـڻُ تـــہ ڏي.

سـُـــران نــہ ٿـــو-
گهٽو، تہ ڪجهہ:
ڇـِـسڻ[1] تــہ ڏي.

اِتـي ئـي هـُــڄ:
وِتيــر ڪـــِــي-
پـَــري پـــَــري.

”وِجـــان- وِجـــان“
نـہ ڇَـــڏ پـِـَـئـــي-
تـَــڪڙ ڪـَــري.

جــــي آئـــي آن،
تـون اڄ ٻـَـــ /ٿـي-
وِڪـــون ڪٽـــي:

[1] ڇِسڻ = ڇُرڻ (ساڳي جاءِ تي).

تــــ آسَ جــــي-
گـُـــــڏيءَ جــــي
تــُـــــڏا هٽــــي-

مـُـــنديِ نــ يـَـــجُ!
اجـــــا نــــــ وَجُ!!
اجـــــا نــــــ وَجُ!!
(مئي 1986ع)

---

❖

ڇُوندِ ڪر-
ڇا ڇگو؟

ڪو نَوان ڇيڇڪا پيو ڇَٽي،
ڪوئي چاوَل سَلا پيو پَٽي،
هَن جي هٿ ۾ بہ ”ڪوڏار“ آ-
هِن جي هَٿ ۾ بہ ڪوڏار[1] آ: غور ڪر / ڇُوندِ ڪر،
ڇا ڇگو؟ ڇا بُرو؟

ڪو، تو اوندهہ ۾ باري ڏيئا،
ڪوئي اُجلي جُهڳن تي اُلا،
باهہ هُو پي تو باري ڪٽي-
باهہ هِي پي تو باري ڪٽي: غور ڪر/ڇُوندِ ڪر،
ڇا ڇگو؟ ڇا بُرو؟

بارَ ڪيڏن ڦٽاڪا ڇڏي،
مرد ويندا ڌماڪا[2] ڇڏي،
هوءَ بہ بارود جي راند آ-
هيءَ بہ بارود جي راند آ: غور ڪر / ڇُوندِ ڪر،
ڇا ڇگو؟ ڇا بُرو؟

---

[1] ڪوڏار = ڪوڏر: زمين کوٽڻ جو اوزار.
[2] ڌماڪا = هتي مقصد سورهيائين ۽ دليريءَ جا قصا.

ساڙَ[1] ۾ ڪو سَڙي ٿو پيو،
سَچ لئہ ڪو لَڙي ٿو پيو،
هوبہ هڪ ڏينهن مرڻو تہ آ-
هي بہ هڪ ڏينهن مَرڻو تہ آ، غور ڪر/چُوندڙ ڪر:
چا چڱو؟
چا بُرو؟

(جولاءِ 1986ع)

---

[1] ساڙ = حسد، ڪينو.

❖

مـــان شـــاعر هـــان -
يا:
ڪاريــــــگر هـــــان؟

زيـــر- زَبـــر زنجيـــر بڻـــائي -
ڏاڍا /ڏائـڻ، ديـوَ ڪـَـــڙيان ٿـو،
لفــظ رِجـــائي، ڏيئـــا بـــاري -
جُـملي- جُـملي جوت جـَـڙيان ٿـو،
آزاديءَ جـي گـَـــس تـــي بيـنـــل -
يـالا تـاڻي، پـُـوتَ تـَــڙيان ٿـو،
تون سمجهين ٿو شعر انهن ڪـي -
مـان تـــ پيـو هتيـار گهڙيـان ٿـو.

مـــان شـــاعر هـــان -
مان:
ڪاريــــــگر هـــــان!

(سيپٽمبر 1986ع)

---

❖

اڇان پيو پنهنجي واٽ سان مان -
مِلڻ ٿيو هڪڙي آدميءَ سان.

پُڇيئين تہ: "چاچا! اڃين پيو ڪاٿان؟"
چَيم تہ: "روضي لطيف جي ٿان."

چيئين تہ: "چاچا! لطيف ڪهڙو؟"
چَيم تہ: "اُجري ضمير جهڙو."

ڇَيئين تہ: "چاچا! لطيف ڪيئن آ؟"
چيم تہ: "جيجل جي ٿَڃ جِئن آ."

ڇَيئين تہ: "چاچا! لطيف ڇاهي؟"
چيم تہ: "اُن جو ڪو اَنت ناهي."

چيئين تہ: "چاچا! لطيف ڪنهن جو؟"
چيم تہ: "ياٽيا! لطيف منهنجو."

ڇَيئين تہ: "بس! آ لطيف تُنهنجو؟"
چيم تہ: "منهنجو، تہ ياڻءِ پنهنجو."

ڇُيئين تہ: "اسم آ لطيف رَبَ جو،"
چيم: "تَذهن آ لطيف سَڀَ جو."

چيئين تہ: ”چاچا! مون ڪونہ سمجهيو.“
چيم: ”پَڙهيو هين، مگر نہ پُرجهو.“

چيئين تہ: ”ڪولي خبر نہ ڏينديون!“
چيم تہ: ”سمجهي ئي ڪونہ سگهندين.“

تہ ايتري ۾ ٻہ- واٽو آيو،
۽ شخص هُن مون ڪان موڪلايو.

نہ ڪو تہ هُن منهنجي واٽ ورتي،
نہ ڪو تہ مون هُن جي واٽ ورتي.

الڳ هِي منزل اسان ٻنهي جي-
الڳ تِي منزل اسان ٻِنهي جي!
(مارچ 1988ع)

---

❖

سيٺ وڏا-
او آدم صاحب!
ڇو تو پاڻ پَڏائين پنهنجو؟
تون- مان ٻئي برابر آهيون.

تووٽ دولت نوٽ پَنن[1] جا،
مون وٽ سچا لفظ لکن جا.
مان آٿم آهيان ۽ تون آدم-
مون کي ڏِسُ اچي تون ويجهو:
تُنهنجو منهنجو رنگ بہ ساڳو-
ڍَنگ بہ ساڳو.
هاني ساڳي، هانءُ بہ ساڳو-
ڪويل ساڳي، ڪانءُ بہ ساڳو-
قَد بہ ساڳو، ڪاٺُ بہ ساڳو-
پوڇا ساڳي، پاٺُ بہ ساڳو-
پونءِ بہ ساڳي، پاڻُ بہ ساڳو-
ماپو ساڳو، ماڻُ بہ ساڳو-
ٽانءُ بہ ساڳو-
تنهنجو- منهنجو نانءُ بہ ساڳو.
مون وٽ سچا لفظ لَکن جا،
تو وٽ دولت نوٽَ- پَنن جا.
تون آدم آهين ۽ مان آٿم-

---

[1] پَنن = ڪاغذ جا.

فرق رڳو آ "دال" ۽ "ٿي" جو:
هونءَ نہ تہ ٻيئي همسر آهيون.
ڇو تو پاڻُ پڏائين پنهنجو؟
او آدم صاحب-
سيٺ وڏا!

(اپريل 1989ع)

---

# آزاد نظم

ڪڏهن مون ۾ ننڊ ۾ ڪو سپنو ڏٺو هو-
ڏٺو هُم تہ: مون ڪي قلم هٿ ۾ آهي،
ڪَتابن جو هڪ ڍيرُ آڏو رکيل آ:
۽ سيني تي ليڪ جي صورت ۾
منهنجوئي نالو لکيل آ.

...........................

❖

مان تہ آهيان ئي سدا سُونهن کي پوڄڻ وارو-
اهڙو هڪ مَستُ- اَلستي شاعر،
جنهن کي هر وقت،
نئين نظم لِکڻ لاءِ ڪو عنوان کپي.
تون تہ اشراف ۽ پردي واري،
وڏ- گهراڻي ڪا نياڻي آهين.
مون نهاريو جي ڪٽي توڏي-
تہ حق هو منهنجو،
ڇو تہ، مان آهيان ئي هڪ مَستُ- اَلستي شاعر.
پَر- اِها ڳالهہ تہ ڏسِ:
ڪنهن توکي،
ايڏو مجبور ڪيو؟
جو، ڏِسي مون ڏي-
۽ مرڪي وينئينءَ!

(مئي 1965ع)

❖

اڄ اُتڻ ساڻُ صبح جو ساجهر:
بند پڃري ۾ پيل هڪ طوطي،
پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڇيو ڪجهہ ويئي.
ٽورا طوطا-
جي اجا قيد ٿيا ڪونہ هئا،
۽ فضا ۾ ٿي ڪيائون پرواز،
هُـن جو آواز ٻـُڌي هيٺ اُڏامي آيا،
هُـن ڪان ٽوروئي پري پـِٽ تي اچي سپ ويٺا.
ها! اُهي ٽورڙا ٻي پهچ پـَڪي-
قيد ۾ پنهنجو ڏِسي هڪ هم ذات،
سپ مـِڙي آيا هئا ڪيس ڇڏائڻ خاطر.
پـَر، پـَڪي جيڪي ڪنين جي مـُٺ مـُٺ:
پنهنجي هم ذات کي آزاد ڪرائي نہ سگهيا،
خالي دانهن ڪان سوا ڪجهہ بہ ڪري ڪونہ سگهيا،
ڏاڍا ڦـَتڪيا ۽ لـُڇيا-
نيٺ اُڏامي ويا!
۽ اُهو قيدي طوطو،
اُن ئي پڃري ۾ آلاپيندو رهيو:
”ٽـِيون- ٽـِيون- ٽـِيون!!“

(مئي 1965ع)

---

❖

اڄ تصور جي نـگر ۾ آءُ گهمندو ٿي وَتيس،
هلندي هلندي: هڪڙي رڻ- پٽ ۾ وجي نڪتس- اُتي،
مون ڏٺو:
هڪ ڪامٽي/هيري- ڪَٽي
ڇيڙهـ وارن ۾، لـتا ليڙون، بدن سارو پـيـوت،
پيرَ گهليندي، مٿي ٻانهـُون ڪنيو
ڪنهن کي پُـڪاريندي وتي،
۽ لُـڙَڪ لاڙيندي وتي!
مون ذرا اڳتي وڌي هن کان پُـڇيو:
”ڪير آن تون مائـِڙي ۽ ڪنهن کي ڳولين ٿي پـَئي؟“
هُـن چيو:
”مان سنڌڙي آهيان ٻچا!
ٻچڙن کي ڳوليان ٿي پئي،
جيڪي ويا آهن ڇڏي رِڻ ۾ مون کي.“
مون ٻڌو:
۽ شرم کان منهنجو جُـهڪي ويو هيٺ ڪَـنڌُ!
(جون 1967ع)

---

❖

مان: جو هڪ سادڙي پوشاڪ ۾ صورت وارو،
ڏينهَن پهرئين ڪان وني حُسن جو سڪڻو شاعر.
هوءَ اجا ڦوهه جوانيءَ ڪان ٽَپي ئي، مَسَ هئي،
مُنهن مان نڪتس تي پئي نورَ جا اَڻ- ڪُٽ ڪرڻا،
ڇڻ تہ فردوس جي ڪڙڪي ڪا کُلي پئي هئي.
هنڌ ڪُنڌري جي مٿان-
پانهَن ڏئي سيرانديءَ:
ڪنهن وڏي راڄ- ڏياڻيءَ وانگي،
ڇُپ ٿي ڇُپ ناز سان ليٽي پئي هئي.
مانَ الائي تہ اُتي ڪيئن وڃي نڪتس پُلجي،
منهنجون اکيون جي گهڻي وقت ڪان روزي سان هيون،
ڪو پَتو ناهہ تہ ڪيئن هن جي اکين سان ٽَڪريون،
هُن بہ ماڻهن جو ۽ مهڻن جو ڪيو ڪونہ خيال،
ساري دنيا جي محبَت ڪي سميٽي/ميڙي-
پنهنجي اکين ۾ وجهي سُرمي جئن:
منهنجي نظرن سان ملائي نَظرون،
هڪ مِني مُرڪ ڪٽي منهنجي مٿان گهوريائين!
هڪ گهڙيءَ لاءِ جُهڪي عرش ڏنيون-
مون کي چُميون.

بي گهڙيءَ ٺَهڪ- وڏا ٺَهڪ،
۽ ڪجهہ سُرباٽ:
"هاءِ! ويچارڙي هيءَ پڳلي- مَوالڻ آهي."
۽ مون ڪي، هُن جي اُنهيءَ مُرڪَ مِنيءَ جو سُنهن آ،
اِيئن محسوس ٿيو هو تڏهين-

منهنجي پيرن ۾ پيل ڌرتيءَ هيٺان:
ڇڻ ڏٻو ڏاند[1] ڪڏي سِڱ ۽ ٻيو هو ڪيڏانهن،
۽ عرش ڪڏي ڇيٻارا منهنجا-
مون ڪان جيئن پوءِ تِئين ڏُور ويو ٿي ٿيندو!!
(نومبر 1967ع)

---

[1] هڪ لوڪ روايت آهي تہ ڌرتيءَ کي ڏٻو ڏاند پنهنجي سِڱ تي جهليون بيٺو آهي. (ليکڪ)

❖

تو چيو:
”منهنجي سنگت ڪِيرَ جيان پاڪ ۽ صاف آهي“
مون چيو:
”ڪير تہ اُڪسيرُ بہ آ/ پيرُ بہ آ.
”ڪِيرَ مان نيٺ مکڻ ئي جُڙندو-
”۽ اُهو سارو مَکڻ توکي وَرائي ڏيندس.“
پر-
وقت ڪان اڳ ئي،
اُنهيءَ ڪيرَ ۾ ويو پئجي ”ڪَنَرُ“[1] !“
(ڊسمبر 1969ع)

---

[1] ڪَنَرُ = مَک يا ڪا بي شيءِ.

❖

سائنسي دَورُ-
سُجاڳيءَ جو زمانو آهي،
منهنجو "جوهر" بہ پيو آ جاڳي:
مان هينئر بٽجي چُڪو آهيان "ٽائيم بم"
وقت ايندو تہ-
مان ڦاٽـِي پوَندس.
!؟............

(مارچ 1981ع)

—

❖

هيٺ ٻارَن جو وڏو ڍَنبڪو،
مَـتي سـرٽين جو ميڙ.
اَڌ- اُگهاڙا، نڪ ٻـِينا (رنگُ دانگيءَ جو تَـرو)
شيدين جا ٻارَ،
ڪجهه هَـڏيون، چـِچڙا، ٽُـڪر آندن جا-
۽ بيڪار گوشتُ،
نينگَ ڏئي، اُپ ڏي پيا اُڇلن،
مَـٿان سـرٽيون جَـهٽينديون پيون وجن.
راند ٻارَن جي-
پکين جو روزگار!

(جون 1985ع)

---

❖

هڪ پَنو بيڪارُ:
جنهن تي تا وجن لِکجي ڪڏهن-
ڪي چگا چُونڊيل اکر،
جَن ۾ ڪو پيغام،
ڪو مقصد،
يا منزل جو پَتو-
تو اچي ڪنهن ڪي نظر.
سو، تڏهن:
آسماني ڪنهن صحيفي جو ورق-
تو ياڻئجي!!

(ڊسمبر 1985ع)

—

❖

"هيلي ڪومـِٽ[1] "/پـُڇڙُ تارو-
پنهنجي پونءِ جي اُڀَ تي اچڻو آهي،
اُٺويهه سـَو ڇهاسيءَ جي پهرئين مهيني ۾.
پـُڇڙُ تارو:
ڏسبو آهي اُڀ تي جڏهين،
دنيا ۾ ايندو آ ڦيرو[2]
انقلابي ماڻهو، اُٿو!
وقت مناسب آيو آهي،
پـُڇڙ تاري جي اُهڃاڻن سان-
سڀ گڏجي ساٿُ ڏيو!

(ڊسمبر 1985ع)

---

[1] هيلي ڪومـِٽ = 1986ع ۾ اُڀرندڙ پـُڇڙتاري کي "هيلي ڪومـِٽ" نالو ڏنو ويو هو. (ليکڪ)

[2] عام ماڻهنَ جو چوڻ آهي تہ جڏهن بہ پـُڇڙ تارو اُڀرندو آهي، تـڏهن ملڪن ۾ سياسي ۽ اقتصادي تبديلي ايندي آهي. ڪجهہ حڪمرانن جو موت بہ ٿيندو آ. (ليکڪ)

❖

قومن ۾ ڇـَڪتاڻ وجي ٿي وڌندي.
اهڙي ڪائي ڪنڊ نہ آهي،
جاتي ڪوئي سک هجي ۽ سانت هجي،
پورن مٿان هڪ ڀانت هجي،
ڪنهن ڪي، ڪنهن جو اونو ناهي،
پنهنجي وڌيرپَ مڃرائڻ لئہ-
دنيا ۾ رَتَ- ڇاڻَ وجي ٿي وڌندي!!
(ڊسمبر 1985ع)

——

❖

ڪڏهن مون بہ ننڊ ۾ ڪو سپنو ڏٺو هو.
ڏٺو هـم تہ:
مون کي قلم هٿ ۾ آهي-
ڪتابن جو هڪ ڍيرُ آڏو رکيل آ -
۽ سيني تي ليکڪ جي صورت ۾ منهنجو ئي نالو لکيل آ -
۽ آهن اُنهن ۾ رکو منهنجون سوچون ۽ لوچون سـَهيڙيل.
وڏو ميڙُ ماڻهن جو چوڦير آهي:
۽ مينديءَ رَتا هٿ اڳتي وَڌن ٿا -
۽ مالها گُـلن جي ڳچيءَ ۾ وجهن ٿا.
۽ پنهنجي بُـڪن تي ونڻ ٿا گُـهرن مون کان آٽوگراف -
۽ نعرن جي هُـل ۾-
نئين نسل جا سُـورما ٿا ٻَـڌائن پيا مون کي پڳ!
هي سپنو ڪڏهن ساڀيان نيث ٿيندو،
هي سپنو سدائين تہ سپنو نہ رهندو!!
(ڊسمبر 1985ع)

---

❖

هوءَ هڪ ننڍڙي نياڻي:
جيڪا رانديڪا وٺڻ بازار ۾ آئي هئي -
۽ بم ڦاٽڻ جي ڪري،
ساري سَڙي تي ڪوئلا.

او بَم ڇوڙيندڙ دَرندا!
خاڪ اُن جي-
مون کي آئي ڏي، تہ مان:
سُرمي جيان،
پنهنجي اکين منجهہ پائيندو رهان.
۽ ٻُوٽَ تُنهنجي تي مَليان،
ڪارَنهن جيان!!

(جولاءِ 1987ع) ❖

---

❖ 14- جولاءِ 1987ع: ڪراچيءَ ۾ بم- ڌماڪي تي چيل آزاد نظم.

# غَزل

”شاعر آهيان، ڪافر ناهيان،
ڪيئن چئو ٿا؟ ”بُت نہ ڊاهيان.
سرجڻهار وڏي سَگهہ وارو،
ٽپڪن مان ٽانڊاٽا ناهيان.“

❖

مـوتَ سـان اڄ مقابـِلو آهـي،
زندگـيءَ جـو معامـِلو آهـي. [1]

سوچجي چـو ڪـَنڌ ۽ هـارڻ تـي،
يـا ڳَ جـي هـٿ ۾ فيصـِلو آهـي.

مـا ڳَ پنهنجـي ڏي تـو وجـي هلنـدو،
هـي دلِيـرن جـو قافـِلو آهـي.

خير سـان، شـل خـدا ڪـري گـذري!
ڏورِ ڏاڍو مفاصـِلو آهـي.

او ڳـَلي يـارَ جـي خـدا حـافظ!
تـو وٽـانَ اڄ تبـادِلـو[2] آهـي.

شـاعريءَ ۾ شـباب جـون ڳليـون،
منهنجـو محبـوب مشغـِلو آهـي.

عشـُق: آٿـر! جـَهلئي نـه تـو جـَهلجي،
عشـق هوندوئـي بـاولـو[3] آهـي!

---

[1] هيءَ بٿي سٽون محسن ڪڪڙائي جون آهن.
[2] تبادلو = بدَلي ٿي وڃڻ/بدَلي وڃڻ.
[3] باوِلو = چرَيو مستانو.

❖

منهنجي دل ۾ آ ٿاهہَ جي خواهش،
توکي ناهي نِباهہ جي خواهش.

تُنهنجي، مون کي ائين ضرورت آ،
جسم کي جيئن آ ساهہَ جي خواهش.

هڪ بکئي کي هميشہ هوندي آ،
هڪڙي مانيءَ گِراهہَ جي خواهش.

تارِ- تانگهو[1] طلبَ اڳيان ڇاهي،
هوءَ رکي ٿي اَٿاهہَ[2] جي خواهش.

سونهن سان پيارُ: جي گناهہ آهي،
بهتر آ. هِن گناهہ جي خواهش.[3]

تيرَ تاڻيو- تڪيو هٽين ٿو، پَر-
مون کي ڪانهي پَناهہَ جي خواهش.

ذهن ۾ ٿي رهي سدا آثم!
ڪنهن نَشيلي نِگاهہَ جي خواهش.

---

[1] تارِ- تانگهو = تراڪڙو. ٿورڙو.
[2] اَٿاهہ = بي اَنت. اَڻ- ڪٿ.
[3] اصل فارسي شعر جو ترجمو شعر هيءُ آهي:
گرگناه است ديدن خوبان،
روزو شب اين گناه بايد کرد.

❖

بيوفائي نہ ڪر، او منهنجا مَنَ!
ڏسُ، چَريائي نہ ڪر، او منهنجا مَنَ!

پاڪبازي لِڪڻ جي شيءِ ناهي،
خود- ثنائي نَہ ڪر، او منهنجا مَنَ!

ڪنهن جي اُميد جي عمارت کي،
ڏوڙِ- ڇائي نہ ڪر، او منهنجا مَنَ!

حُسن پنهنجو ڏِسي نہ ٿي مغرور،
خود نُمائي نہ ڪر، او منهنجا مَنَ!

ها، وڏائي خدا کي سونهين ٿي،
تون وڏائي نہ ڪر، او منهنجا مَنَ!

ڏينهَن- ٻِن جي وقار لئہ آٿم!
ڪا لڙائي نہ ڪر، او منهنجا مَنَ!!

---

❖

چـــني توڪـان ڇـڏيان نــاتو! اهــا ڪجهــ ڳالهــ ڳــوري آ.
ذرا سمجهـــائجو ســـائين! اهـــو حڪـــم آ، يــــا زوري آ؟

جـدا توڪـان رهـي قَـتڪان، لـُـڇان، وَڄـان پيـو تولئــ،
ســزا جيڪــا ڏنـي آ تــو، مـان سمجهـان تـو تـ تـوري آ.

بـُلندي توڙي پَـستي منهنجي، تـُنهنجي دَم سان ئي آهي،
اُڏامـڻ ڏيـن يـا اُٿلائـي وجهيـن هـَـٿ تـُـنهنجي ڏوري آ.

مجـان تـو پهچ منهنجيءَ ڪان مـَـتي تـُـنهنجو مقـام آهـي،
تــون آهيــن چنـڊ ڏرتــيءَ جــو ۽ منهنجــي دل چـَـڪوري آ.

مڪمـل رنـگ تـُـنهنجي ۾ وجـان رَڱجي تـ پـو وججـان،
اَجاتائين تـ هـَستي منهنجي مـَس مـَس ڪجهـ ڪـَـڪوري آ.

چيـو تـو: ”نـانگ تـي ڪـو پيـرُ تنهنجـو شـل پـوي آٿـم!“
تـ توسان عشق تي ويو، تـُنهنجي پـِٽَ[1] پيي ڪا سـَدوري[2] آ!!

---

[1] پِٽَ = پاراتو. بـَددعا.
[2] سَدوري = سياڳي.

❖

مَــئڪدي جــو عجيــب آ دستــُـورُ،
وج تہ سالم ۽ اَڇ تـہ چـَـڪنا چـُـورُ!

عشــق ســنت خــدا جـــي آ واعــظ!
عشــق ڪــان ايتــرو نـــہ وج وَهلـــُـــورُ.

سَنڌ نہ مون ڪي تون قيس ۽ فرهاد،
مان نہ آهيان چـَـريو، نـہ ڪـو مـزدُورُ.

حُسن- حُسن آ، اگر رهي محفوظ،
وينـدو اُڏري جـي ڪولبـو ڪــافورُ.

تيرُ تــــرڇي نظـر جـو ڇـا لڳنـدو!؟
سامهون وارُ ڪـر تـَــڪي پربـُــور.

ناهـَ آئم سان تـُنهنجو مشـڪل آ،
تون بہ مغرور مان بہ ڪجهہ مغرُورُ!

———

❖

تون ساڻُ ڏين تہ عشق مجازي ڪري وٺان،
ڪافر مزاج دل ڪي نمازِي ڪري وٺان. [1]

اڪ ساڻ اڪ ملائي وري هڪ دفعو تہ ڪلُ،
وابستہ[2] توسان يادڪا، تازِي ڪري وٺان.

او فڪر روزگار جا! ڪو پَلُ تہ وج ٽَري-
پنهنجي رُنل حبيب ڪي آزي[3] ڪري وٺان.

سرڪار! هَٿُ چُراند[4] نہ مون سان ڪيو، متان-
مان پي اوهان سان دَست- درازي[5] ڪري وٺان.

محمود[6] ڪوبہ وقت جو حاڪُم نہ ٿي سگهيو،
مان ڪنهن جي آسري تي اَيازِي ڪري وٺان؟

سوچيان ٿو هٽلري شڪن آثر! ڪو اهڙو حَلُ،
جنهن سان فنا جهانَ جا 'نازي'[7]، ڪري وٺان!

---

[1] بئي سٽون محسن ڪڪڙائيءَ جون آهن.
[2] وابستہ = لاڳاپيل.
[3] آزي = منٿ.
[4] هٿ چراندَ = ڪوُنس.
[5] دست درازي = هٿ اُلاري ويهڻ (وڙهي پوڻ).
[6] محمود = محمود غزنوي.
[7] نازي = جَرمن تنظيم، ظالم.

❖

ڪُڏ[1] ڏئي ڪجي دلين جو واپارُ، سو ڏُکيو آ،
جئن ڪو گهري، ائين تئي وَهنوار، سو ڏُکيو آ.

تارَن تي پهچي وجبو، ساگر جو اَنتُ لَيندو،
پَر، ڪو اَتوٽ[2] ڏسجي هٿ پيارُ، سو ڏُکيو آ.

هُن جي پَوي نہ مون سان، منهنجي لڳي نہ هُن سان،
هڪ- ٻئي سان تئي اسان جو سَهڪارُ، سو ڏُکيو آ.

لَکَ پيرا مان تہ قاصد هُن ڏانهن موڪليان، پَر،
هُو ئي ڪري اَچڻ جو اقرارُ، سو ڏُکيو آ!

ماٺهوءَ ڪان، ماٺهو خوشيون بيشڪ کسي سگهي ٿو،
ماٺهوءَ جو، ماٺهو ميٽي آزارُ، سو ڏُکيو آ.

هر لوچَ تي سگهي ٿي بلڪل ڪو ڪارنامو،
هر سوچَ پيي سڏائي شهڪارُ، سو ڏُکيو آ.

ڪو ساهَہ ڪان بہ پيارو جي سِرگُهري تہ آثم!
اُن سان ڪجي سِڌو- سنئون انڪارُ، سو ڏُکيو آ.

---

[1] ڪُڏ = ٽپو ڏئي (مطلب آ: تڪڙو ٿي).
[2] اَتوٽ = اڻ ٽٽ، نہ ٽٽي سگهندڙ.

❖

سورَ ورهائي ونندو ڪيرُ؟
مون وٽ آهن: هيڏو ڍيرُ!

اڄ مان آهيان اُن منزل تي،
جا تي ڪنهن جو ايرُ نه پيرُ.

ڪالهه لنگهي ويو ڪو، جنهن ڳسَ تانَ،
اڄ يي سُرهو آ سو سيرُ.

چاتل ماڻهو هو ڪو شايد،
پَدرو بيٺو آهي پيرُ.

هرهڪ اڪ جو آٽو[1] آهي،
پيرِ سڄيءَ مان ڳاڙهو پيرُ.

مُنهن ڪي مَهتي ڏوتئه، چا تيو!
مَن جو ڏوئِي ڇڏجي ميرُ.

ڪاتيون پاڻهئي ڪُسجي ويندين،
اڳ ۾ وِڌ اندرَ مان ويرُ.

ويري تيءُ نه ڪنهن به وَنيءَ جو،
ٻٽجي پَئُه نه سَسُيءَ جو ڏيرُ.

آٿم ڳالهه ڪندو آ سچي،
جنهن ۾ ڪوئي ڦندُ نه ڦيرُ!

---

[1] آٽو = ضد- اَنگل.

❖

جي مان ڇَونڊو آهيان سَچُ،
توکي لڳندو آهي مَچُ.

پَر، مان مورُ نہ مُڙڻو آهيان،
بيشڪ پيو تون پَل پَل پَچُ.

سَچُ سدائين سُڏڪا ناهي،
ڪُڏندو ڪونہ هميشہ ڪَچُ.

ڪُوڙَا! ٻُڌين جي تون ڪنُ لائي،
ڳالهيون توکي ٻُڌايان ڳَچُ.

منهنجا گيتَ اَٿئي بَم- گولا،
ڪيستائين بَچندين- بَچُ!

منهنجي سرَتي آ، هيءَ ڌرتي،
تيندو ڪير آ ڏاهَر، ڇَچُ!

ماڳُ اجا ڪجهہ ڏُورِ لڳي ٿو،
ساهَہ! نہ ٿيءُ هينئر ٿي هَچُ[1].

او، ڙِي مَنزل! آٿَمَ آڏو-
پائي پر اُڏامي اَچُ!

---

[1] هَچُ ٿي پوڻ = سُست ٿيڻ، ٿڪجڻ.

❖

هَــتَ هَــتَ منجهـــ اُمــاڙي آهـــي،
مـــاٺهو مـــاٺهو ڪـُــــهاڙي آهـــي.

جو بـِــ پـُـني ڏَئي پـِـڙَ مـان پـَـڇندو،
مـــُـــڙس نـــ آهـــي، پــاڙِي آهـــي.

مذهــب ســاڻُ منــافق! تـــو، ڇـــو-
پنهنجـــي ذاتِ ســـَــلهاڙي آهـــي؟

روزانـــي جـي بـَــڪ بـَــڪ تـُـنهنجي،
غيـــر ضـــروري ڇـــاڙِي آهـــي.

تـُــــنهنجو هـــر اعـــلانُ اســـان لئـــ:
اکيـــن منجهـــ اُمـــاڙِي آهـــي.

تـُــنهنجو هرهـــڪ ســاٿي: تــو جئـن-
ڪـــُــــوڙو آهـــي، ڌاڙِي آهـــي.

ڪـُــوڙي مـــاٺهوءَ، ڪـــڏهين آٿـــر!
پنهنجـــي پـــَـــتِ نـــ پـــاڙِي آهـــي.

---

❖

نــاراض مــون تــي گرچــ هميشــ فــَـلڪُ هئــو،
تڏهين بـ شينهن هوس مان شـَـهپر ڪي پَــڪُ هئو.

مان پنهنجي قوم ڪي تـو سجاڳيءَ جو ڏيان سـَـبقُ،
ڏارين ڪي منهنجـي لاءِ مـگر بيـو ڪـو شـَـڪُ هئـو.

موتيـا نـ مـورڙي جـا اَدا[1] ، ڪهـڙو تـن جـو وَسُ،
ڪنهن چـورَ جو تـ ڪونـ هو، واڳوءَ جو چـَـڪُ هئو!

يــَـنيٺُ جتـي بــ ظلـم جــو پڙڪـي پيـو، اُتــي-
منهنجـو وجـود ڏاگـَــهـ ۾ چـڻ ڪوئـي ڏڪُ[2] هئــو.

جي مان لکان ها 'الـف' جي بدلـي ۾ 'ب' تـ پـوءِ،
منهنجـي قلـم جي سـاکَ ڪـي ڪيـڏو نــ ڏَڪُ هئـو!

روشن خيـال اديب ڪـو مـَـرندو تـ چـَـوندو لـوڪ:
"ليڪـڪ چگـو هـو يـارَا! مـگر ناســـتڪُ[3] هئــو.

بـُــڌندءُ تـ مـاٺهو چونـدا ائيـن اَڌ صـديءَ کـان پــوءِ،
"آثـم" سـيا جـي سـونهن ۽ سـاهت جـو نــَـڪُ هئــو!

---

[1] ادا = ياٺر.
[2] ڏڪُ = ڪاٺيء جو ٽڪرو.
[3] ناستڪَ = بي دين.

❖

منهنجــو خــوابُ تـــون،
لا جــَـــــوابُ تـــــون.

هـــوشُ ڪيئـــن هجـــي؟
بــــي نقـــابُ تبـــون!

هــــــــر خيـــــــال ۾،
انقـــــــلابُ تـــــــون.

گـــــامَ گــــامَ تــــي:
ڪاميـــــابُ تـــــون.

مـــان گناهـــُـــــ هـــان،
۽ ثــــــوابُ تـــــون.

مـــان ٻـُــــڙي ٻـُـــڙي،
بـــي حســـابُ تـــون.

منهنجـــــي ســـــامهون:
چـــڻ جنـــابُ تـــون.

ســَــوَ ســـوالَ مـــان،
هـــِـڪُ جـــوابُ تـــون!

———

❖

ڪُـــٽيءَ جــو وَٽـــو هيـــن-
چڱـــو چٽپٽـــو[1] هيـــن!

ڪچهريـــون مَـــتل ٿـــي،
وڏو ڇهڇٽـــــــو هيـــــن.

ســـچو نـــاهين ســـاعت،
ڏهـــاڙي ڏٽـــو[2] هيـــن.

انـــدرُ پيـــو ٿـــو ڏســجئي،
ڪـو سَـنهڙو لَـــٽو هيـن.

جـي اڳ ۾ مـــٽو هـُـئين-
تـــ اڄ ڇـــو ڪَـــٽو هيـــن؟

ڇڏيئـــ رَتُ سـُـــڪائي،
مَـجيمر: مَـسُ - ڇَـٽو[3] هين.

وِئيـــن پـِـسجـــي آٿـــر!
اِئيـــن: ڇــڙ اَٽـــو هيـــن!

---

[1] چٽپٽو = مزيدار.
[2] ڏٽو = ڪوڙ، گشو.
[3] مس ڇٽو = مَسُ سڪائڻ وارو پيپر- اُهو پنو جيڪو مَسُ چُوهي وٺندو آهي.

❖

رڳو ”آپُ“[1] آهين،
آڙيڪاپُ[2] آهين!

تون ڪيئن سَرڳ ويندين،
مَها- پاپُ آهين!

يَڳل بَنسريءَ جو،
ڪو آلاپُ آهين.

ڪيئن چپَ ڪاڏي؟
جو، چُپِ- چاپُ آهين.

نه آهين وڇوڙو،
نه ميلاپُ آهين.

نه ڪو ورهُه آٿم!
نه وَرلاپُ آهين.

---

[1] آپُ = پاڻَ مان- مان ڪرڻ وارو.
[2] آڙيڪاپُ = ٺَڳُ، طرزباز.

❖

جيڪي ماڻهو مورَ تين تا-
سي ئي دل جا چورَ تين تا.
ڪي ڪي ڪاڳرَ مَنَ تي اُڪريل،
باقي هٿَ تي تورَ تين تا.

هيڪڙ- ٻيڪڙ ماڻهو ڏِسجن،
ٻيا سڀ ڍانڍا- ڍورَ تين تا.

ٿَرڙا- سَرڙا ماڻهو، پنهنجي-
پاچولي تان گهورَ تين تا.

جَن جي رَتَ ۾ جوت[1] نہ آهي،
پِترن وانگر پورَ تين تا.

جَن جي مَنَ ۾ آ مرَيادا[2] -
سَچُ پَچُ سي شهزورَ تين تا.

هڪُ مُئو: تہ پٽيندا هڙئي،
ڪيڏا ڏاها نورُ[3] تين تا!

پَرجي ڪونہ سگهن تا آٿم!
اهڙا ڀي ڪي پورَ تين تا.

—

[1] جوت = طاقت، روشني.
[2] مرَيادَا = لڄ، شرم، غيرت.
[3] نورُ = هڪ ننڍو جانور، چَون تا: جڏهن ڪو نور مرندو آهي تہ پر- پاسي جا سڀ نور اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ رُئندي- پِٽيندي، انهيءَ جو جنازو ڪڍي وڃي پوريندا آهن. (ليکڪ)

❖

ماٿهو سُهٽا مورَ اَچن ٿا،
ٿُرندا پياري ٿورَ اچن ٿا.

لڪندا- چَپندا، لوٽا هٽندا:
پَڪ دلين جا چورَ اچن ٿا.

ڪنوندا- ڪجندا، رم جهم وَسندا:
بادلَ ڪي گهنگهورَ اچن ٿا.

شيشي جهڙا ٿا ڪُنئڙا بُتَ،
پاءُ گُلن جي تورَ اچن ٿا.

نيڻ وِچاءِ اُٿي او آٿم!
اڄ هُو تُنهنجي اورَ[1] اچن ٿا.

---

[1] اورَ = طرف، پاسي (هندي لفظ)
جيئن هڪ هندي گيت جا بول آهن:
ساجن بڙا چِت چور- سکهيري
رُوَت رُوتَ رين بتاؤن
آيا نہ موري اور- سکهيري (ادارو)

❖

ضد نه ڪر او سامري!
شاعري- پيغمبري.

ڳاءِ ڪي ڳابو ڪري-
ڏسِ نه پنهنجي ساحري.

شينهنَ جي ڪل تي رڳو،
دل رکين تو ٻاڪري.

پاڻ ڪي وڻندي نه آ -
سچ چوڻ ۾ ڪانئري.

هر گهڙي: هر دَور جي،
تا لکون پيا ڊائري.

تِي اسان آڏو جهُڪي،
آمِرن جي آمري.

هوءَ نه ليليٰ نجد جي، [1]
۽ نه مان قيس عامري. [2]

نيٺ آٿم! نڪرندي،
پنهنجي پي ڪا لاٽري!

---

[1] ليليٰ = عرب جي نجد علائقي جي هئي.
[2] قيس = (مجنون) عامري قبيلي جو هئو.

❖

ٽريڪٽر جــــئن مــون ڪــي وَهرائــن پيــا،
ڪوئــي قاســـِـي گهــاٽ نـَــــهرائن پيــا!

جَن ڪُڇيو، ڪُٽڪيو: اُهي ڪَوڙا(1) جهلي-
تـــڪٽـــِــڪيءَ تــي ڪــل لهرائــن پيــا.

بـــي گنــاهن ڪيتــرن ڪــي زورَ مـــَـــس،
جيــل جـــي پوشــاڪ پـــَــــهرائن پيــا.

اَنَ تــي قبضـــو ڪـــرڻ جـــي واســـطي-
هـُــو ڏيڱــن ڪــان ڳاهـــُـــ ڳـَــــهرائن پيــا.

مـــون قلـــم جـــو قـــدر آٿـــم! تـــي گهريـــو،
مــون ڪــان مــاٽهو ڪـــِيڻ(2) ڪـَــهرائن پيــا!

—

(1) ڪَوڙا = هَنٽر (چمڙي جا پٽا).
(2) ڪيڻِ = مِٽي گڏ ڪرڻ يا ٻنيءَ مان ٻاهر ڪيڻ جو اڳاٽو ديسي اوزار.

❖

اسڪوٽر سان رڪشو ٽڪريو،
ٽنڊڻ سان ماڪوڙو ٽڪريو.

ينيورسٽيءَ سان پوئنر لڙي پيو،
پوپٽ سان هڪ شُعلو ٽڪريو.

عشقُ اِئين ٿيو دل ۾ داخل،
هرڻيءَ سان جڻ چيتو[1] ٽڪريو.

موتيا ۽ رابيلَ بچي ويا،
چنبيليءَ سان ”چوٽو[2]“ ٽڪريو.

اڱرائيءَ تي: پاڻ وڏي سان،
ننڍڙو هڪ نينگرڙو ٽڪريو.

ايوانن ۾ جهٽڪا آيا،
دانشورَ جو جُملو ٽڪريو.

وقت وقت جي ڳالهه آ، آٿر!
ڪاسائيءَ سان ٻڪرو ٽڪريو!!

---

[1] چيتو = هڪ جهنگلي جانور.
[2] چوٽو = وارن جو.

❖

"چـُــوندن ۾ آ بينـو سـَــوٽُ[1]،

آءُ انهـــيءَ کـــي ڏينـــدس ووٽُ!"

انڌا! ڪـِـرندين، آڏو ڪَــڏ تـَـئـَـــي،

بيٺـــي- پيـــر اِتـــان ئـــي مـــوٽُ.

"ڪـاتو پـٽُ[2]" جـي فـائل تـي آ،

"ويـري گـُــڊ!" افســر جـو نـــوٽُ!

نوتـن سـاڻ تـُــپيا تـس کــِــيسا،

منهنجا پئسـا، هـُــن جـو ڪـوٽ.

ڪلهه جنهن مون تـي ٺونشو تـاڻيو،

منهنجــو- پنهنجــو هــو مــاروٽ[3]!

آردر ســــاڻ اُتـــــي ۽ ويهـــــي،

شـــاعر نـــاهي ڪـــو روبـــوٽُ!

جيســين ڪونــ هـَــتوڙو هٿنديــن،

آئـــم! پچنـــدو ڪيئـــن اڪـــڙوٽ؟

---

(1) سَوٽُ = چاچي جو پٽ،

(2) ڪاتو پٽُ = ڪٽن، ڪمائڻ وارو، رشوت وٺڻ وارو.

(3) ماروٽ = مامي جو پٽ.

❖

تُنهنجي بدن تي هڪ هنڌ هرڪَيءَ جو پيرُ آهي،
بيمانُ شوقُ منهنجو پيو بڻجي شيرُ آهي.

تعريف تنهن خدا جي، جنهن توکي ويهي ٺاهيو،
پُوڄي نہ توکي، اهڙو ڪافر بہ ڪيرُ آهي!

چوٽيءَ ڪان چيلهہ تائين جُهڳِنو گُلن جو آهين،
توکي ڏِسڻ بہ ڄڻ ڪنهن گُلشن جو سيرُ آهي.

تُنهنجي رُسڻ ڪان پو دل تي ’لِيڪ- وِيڪ‘ پئي آ،
باقي نَلهي بَدن ڏي بلڪل ئي خيرُ آهي!

بَس، پيارُ ذات، ڏاهپ گڏجي تا ڪجهہ بڻائن،
آٿر! اِئين تہ ماٺهو مِستيءَ جو ڍيرُ آهي!!

---

❖

اَزل ڪان اڇون پيا، اَبد ڏي وڃون پيا،
زمين آسمانن جون خبرون ڏِيون پيا.

زماني ۾ وٽندڙ شيون جي بہ آهن،
سين ڪان مَتي، سونهن کي تا مَڃون پيا.

بيا ڳُجهہ تہ ظاهر ڪيا تئون ڳهٽا، پَر،
جيئڻ جي ڳُجهارت اجا ڳولِيون پيا.

اسان بہ ي طرح عام ماڻهن ڪان آهيون،
ڏِسون ڏُک ڪنهن جو تہ ڦَتڪِي پئون پيا.

پَڙهي گيت پنهنجا رسالن ۾ ڇاپيل،
خيالن ۾ دنيا نَئين هڪ اَڏيون پيا.

مَتَل مَيچ ماڻهن جي مَنَ جا اُجهائي،
اسان پاڻ آويءَ[1] ۾ آتم! اَڇون پيا!

---

[1] آوي = نِهائين: جنهن ۾ ڪُنير ٿانوَ پچائيندا آهن.

❖

سيڪو ماڻهو ڳَهلو ناهي:
جوڪر ، گولو، ڏهلو ناهي.[1]

سَچُ پُڇو تہ پرينئڙا! پنهنجو،
ڪو پيغام ڪُمَهلو ناهي.

شاعرُ سرڪش ٿي تہ سگهي ٿو،
ليڪن، هُو بي- ڪهلو[2] ناهي.

سُورُ سَرير ٽُڪيندو آهي،
سُورُ: سُرو آ مَهلو[3] ناهي.

آٿم ساڻ ضميرُ وڙهيو آ،
بيو ڪو خاص مَلهَلو[4] ناهي!

---

[1] جوڪر، گولو، ڏهلو = سپ تاسَ جا پتا.
[2] ڪهلو = بي رحم، بي ترس.
[3] مَهلو = هڪ جيت جيڪو پوک کي نقصان پهچائيندو آ.
[4] ملهلو = مرحلو، بِگڙيل لفظ: (اصل ۾ مرحلو) واقعو، واردات.

❖

لــــڪندي مـَـــرُ،
گيَــــتـ- اَمـــــرُ.

سـَـهـُــــ نـــ پيـــو،
ڏاڍُ- ڏمــــــــــر.

مـــــــنزل ڏور،
ســـخت ســَـــفرُ.

اُجَ وَٿـئـــــــــي،
پــيءُ پڳهــُــــــر.

رات ڪـــُـــــٽاءِ،
ڳــولِ ســَــحرُ[1] .

گـَـهـُــر نـــ دِهـي،
ڏينـــــسِ پـــَـجرُ.

زلـــفَ نــــ يـــانءِ،
چـــانو- چپــر[2] .

پيـــــارُ اَٽئـــــي،
بـــارُ نــــــِـنرُ[3] .

آٿــــــم، تــــــون،
يـارا! نـــ ڪـَـــرُ[4] !!

---

[1] سحر = صبح.
[2] چانوَ- چپر = سينگار ٻٽاء
[3] بارُ نــنرُ = ڏنگو- ضدي.
[4] ڪَرُ = ڪري پوڻ مان (ڪرُ).

❖

چَونڊ جي وقت ڇپَ هلي ڇوهي[1]،
عمل جي وقت تا ڪيون ڳوهي.

پُڇڻ ۾ ماڳ تي گهُرون تا، ۽ -
ٽَپون ۾ ڏِجَ جي پِٽ نہ تا لوهي.

لڳي تو: ڇڻ تہ ڪو ڪَلَرُ ميڙي:
مِتي ملائڪن آئون ڳوهي!

اچو تہ دوستو! وَڏون اڳتي،
اُتو ۾ سِنڌ جي اَتوَ ڏوهي[2].

معاشري ۾ ننڍَ- وڏائيءَ جو،
نظام- مَملڪت ۾ آ ڏوهي.

ٻُڌءِ تہ پُونءِ ڇا چيو آثم!
”ڏِسو تہ سُجَ تہ ناهِ سَوَ ڪوهي[3]!!“

---

[1] ڇوهي = تَڪڙي.
[2] ڏوهي = قَسمُ.
[3] ڪوهي = پَري پَري نائين (سَوين ڪوهن ۾).

❖

نہ مُٽ ۾ مصالو، نہ مٽَ[1] ۾ الاچي[2]،
ڪراچي، اسان لاءِ ناهي ڪراچي.

نہ نُوريءَ نئون ڪٿو جنم ئي وتو آ،
نہ ڪو پاڻ بڻجي سگهيا هون تماچي.

اسان جي نظر ڪان نہ دنيا ڳجهي آ،
اسان ڇو رکون گهر ۾ ٽي-وي هٽاچي؟

سنيها نئين نسل ڏي سَوَ مُڪاسين،
مگر ڪنهن بہ پنهنجي ڇني ڪونہ واڇي[3]!

ضروري نہ آ ماڳُ ماڻڻ لئہ آٿم!
هجي لانگ هينان ڪا گهوڙي يا ڏاچي.

---

[1] مٽَ = واتَ جي اندر هڪ پاسو (گرپَ).
[2] الاَچي = الائچي (ڦوٽا وڪر).
[3] واڇي = پڙهي.

❖

ڪيڏا پاڻَ اَناڙي هئاسين،
پُوري مُنهَن تي پُلجِي پياسين!

موتَ مِلي نہ ملَڻ ئي جهڙي،
خالي - پيلي پَدرا ٿياسين.

ٿي نہ سگهياسين ويجها هُن کي،
تورڙي حيلا ڪوڙ ڪياسين.

پنهنجي لئہ جي صرف جيئَن ٿا،
ناحق تِن جي لاءِ مُئاسين!

لَکَ ڪمانون ڇڪجي ويئون،
جيئَن ئي تورو ڪجُهہ اُڏياسين.

رُجَ جا جَهلڪا ها، پر، آثر!
اُجَ نِهوڙيا ٻوڙي وياسين!!

—

❖

اَڻ ٽَـر- اَرڏا، هاتـڪَ[1] ، هوڏا[2]،
هڪ ٻئي سان اَڇي تيو اوڏا[3] .

لاڙَ سِري کان پهچو، گَـڏ ٿيو،
شهري، ديهي[4] ، هـيٻي، روڏا .

ڪَـرت، ڪُـهاڙا، ڪـيٽون آٿـي،
سِـڌ ڪيو[5] سڀ لانگها- لـوڏا .

آڏو چـپَ ٻـ هجي تـہ اُنهيءَ جا،
چانگهي لاهيو ڇيتيون، ڇوڏا .

ٻنيـن، وَنيـن ويـريءَ وِڪَ جـا،
گهوٻاٽن سان پـَـڃجن گوڏا .

ديدَ- ٻـُرو[6] جو ديدي[7] ، تنهن جا،
دونالين سان ڪيڏجن دوڏا .

آثـم! پـو نـہ ٻـُـڪن ۾ مـَـرندا،
ڪاڇي- ٿَـر ۾ : ڏاڇيون، تـوڏا!

---

[1] هاتـڪَ = سياڻا، پارکو، اصل لفظ حاذق آهي.
[2] هوڏا = هوڏيرا، ضدي.
[3] اوڏا = هوويجهو.
[4] ديهي = ڳوٺائي.
[5] سڌ ڪيو = سڌا، سنوان.
[6] ديد- ٻـرو = ٻـري نظر وارو.
[7] ديدي = نظر وجهي، نـهاري.

❖

عرضُ اگهيو سَربَستو[1] ناهي،
ياڳُ مليو برجَستو[2] ناهي!

جنهن سان آءٌ وڃان پيو، شايد،
گُهريلَ گهَر جو رَستو ناهي.

مان بہ مجان تو ديسُ اَملهہ، پَر،
ساهُہ بہ سائين! سَستو ناهي.

ڪوڙِ[3] ڪتاب هجن تا هن ۾،
سينو، سوڙهو بسَتو[4] ناهي.

منهنجو گيتُ: جي گُرز آ چاچا!
تو وٽ ڀي گُلدسَتو ناهي.

پين- پَنو آ منهنجي هَٿ ۾،
ڪوئي فوجي دَستو ناهي!

سُورهيہ- شاعر آهي آٿم،
ڏوڪيباز ڏُدَستو[5] ناهي!!

---

(1) سربستو = سمورو.
(2) برجستو = مضبوط. چُست.
(3) ڪوڙ = ڪوڙين (ڪروڙين) گهڻا.
(4) بسَتو = ڪتابن رکڻ جو ٿيلهو.
(5) ڏُدَستو = ٻن هٿن وارو (سگهارو) عام معنيٰ ۾ جَٽُ. ٻي سمجهہ.

❖

ڪي ڪي يادون ڪــرڻا ڪــرڻا،
ڪي ڪي اکيون جـَـهرڻا جــَـهرڻا.

ڪيَ ڪي آسون اَڻ جــَـهل، اَڻ- ٽـر،
ڪـي ڪـي وعـدا ڦـِـرڻا- گـِــرڻا.

هـانوَ ٻــُــڏل ۽ ٽـــڙڪيل شيشــا،
ٻيهــر مشــڪل تــَــرڻا، پــَـــرڻا.

هــُـــن ٻــن ڪهــڙي هــيءَ حيــاتي،
ٻـــاڙا / ٻـــوڙا پــــَـــرڻا- اَرڻـــا.

جيڪـــي عشـــق اُجاريــا آٿــم،
سي انســانَ نــ ڪــَـرڻا، مــَـرڻا!!

---

❖

ڪو هانءُ ساڙيندو ويو،
ڪو لُڙڪَ لاڙيندو ويو!

'هوءَ' نڪ چڙهنديندي تي وئي،
'هو' گِگ ڳاڙيندو ويو!

ڪنهن پُونءِ کي ياڪُر وِڌو،
ڪو اُپ ڦاڙيندو ويو.

ڪو، شاعري منهنجي ٻُڌي:
تقرير جهاڙيندو ويو.

هُو، منهنجو انٽرويو ڪري،
مون کي اُگهاڙيندو ويو.

هڪ اجنبي ويندي- گهڙيءَ -
سڀ قولَ پاڙيندو ويو.

جو، پنهنجو تي پانيم، اُهو،
آثرَ لَتاڙيندو ويو!

———

❖

جتان سُهڻا سُهڻا قدم تي ويا هِن،
بيابانَ سي سپ ارمَ تي ويا هِن.

مون جَن جَن کي پُوري سچائيءَ سانِ پُوڄيو،
خدا، سي سمورا صَنم تي ويا هِن.

ڏُکيا جيڪي 'عنقا'[1]، جي پويان هميشہ،
سي موجود هوندي، عدم تي ويا هِن.

مُڪڙ خط جي ڇاتيءَ ۾ خنجرُ کُپائي،
پِرين! تنهنجا تورا پدمَ تي ويا هِن.

لڪڻ جَنِ گهُريا تُنهنجي ماضيءَ جا قصا،
اُهي ڪَنڌَ اڪثر قلَم تي ويا هِن.

جو چاهيم، سو ڪنهن دَور ۾ ڪونہ پاتِم،
ائِين منهنجا ڪيئي جنمَ تي ويا هِن.

سَنئين سوچ آٿم! پني تي پِڪيڙي،
قلَم جا ڪروڙين ڪرمَ تي ويا هِن!

---

[1] عنقا = هڪ فرضي پکي (خيالي صورت).

❖

هوري- ڏاڍي، ڏِرڙو، تَڪڙو،
ڏِڪبو رهندو جيونَ- ڇَڪڙو.

وئڻ: ڪپهه ۾ ڏاڳا، ڪپڙو،
پوءِ به پيِڙيو گهاٽي ڪڪڙو!

چيرَ ڏئي وئي ’چِين- چِين‘ هُن جي،
ڪانوَ جَهنڊيو جهَرڪيءَ جو بَچڙو!

دنيا آ ديوَن جي بَستي،
شاعر جو مَنَ ڪومَل، ڪَچڙو.

پُونءِ ’پَري‘[1] - گهرُ، آ، پَر اُن لئه،
جيڪو جادوگر آ تڪڙو[2] .

اڪ نہ ٽِڪي تي هُن جي مُنهن تي،
ڇِهرو: پاري[3] جهڙو لَسڙو.

ڍوهُ دِهڻ تي آهي آٿر!
تورو تيلهو[4] ، هلڪو ڏَڪڙو!!

---

(1) پُونءِ پَري = پرستان. پرين جو مُلڪ
(2) تَڪڙو = طاقتور، چالاڪ.
(3) پاري = پارو وکر، (سيماب).
(4) ٽيلهو = ڏِکو.

❖

ڪا شيءِ، ڪنهن جي ڪاڻ اَمُلهه آ،
ڪَوِتا مُنهنجي ڪاڻِ اَمُلهه آ.

مون لئه پيارُ وڏي وَٿ آهي،
ناٿو تنهنجي ڪاڻِ اَمُلهه آ.

آد- جڳاد اُنهي تي لعنت،
ڪِينو[1] جنهن جي ڪاڻِ اَمُلهه آ!

ديس پسندي، قوم پرستي،
پيارا! پَنهنجي ڪاڻِ اَمُلهه آ.

رَتُ اَڇو تي ويو آ جنهن جو،
وِسڪي تِنهن جي ڪاڻ اَمُلهه آ.

دل تي چَربي، اَنڌُ اکين ۾،
سيڪنهن سهنجي[2] ڪاڻ اَمُلهه آ.

همدرديءَ جو هٿ هنئين تي،
آٿر! اَهنجي[3] ڪاڻِ اَمُلهه آ.

---

[1] ڪينو = ساڙ، بغض.
[2] سهنجي = سکيو.
[3] آهنجي = ڏکيو، ايذايل.

❖

ڪنهن جو ٽورو پير ٽِڙيو آ،
مـ ن جو اَنبوهه مِڙيو آ.

چوڏِس چانڊوڪي ٽي ڏسجي،
چاهت جو ڪو چنڊ ڪِڙيو آ.

ڪالر ۾ گل ڪونه هنيو تم،
منهنجي دل جو زخم ٽِڙيو آ.

جنهن ڪي پي مون سَچ چيو، سو -
منهنجو يارُ ضرور چِڙيو آ.

پاليل پنهنجو: شينهُن قلم جو،
ڪنهن ڪاريگر سان نه ڪِڙيو[1] آ.

سچ چَوڻ جو ڏوهي، هرهڪ -
سُورهيه گهاٽي منجهه گهِڙيو آ.

نگري نگريءَ، چوُ يارين ۾،
آزاديءَ جو سازُ چِڙيو آ.

امن هجي، اُن لاءِ ٽه آٿم،
عمر سجي پٺي وِيڙهه وِڙهيو آ.

---

[1] ڪِڙيو = ڪيڙائڻ (ڪنهن خاص ڪرتب جي سکيا ڏيڻ) هيرائڻ.

❖

چوٽا ماٿهو، لنبا پاڇا،<br>
ڏينهن بہ رنگ ڏسي ٿو ڇاڇا!

ماٿهن- پاڇن سات سدائين،<br>
گهٽ - وڌ ٿيندا رهندا ڪاڇا[1] .

ڪڏهين ’ڪابُولي[2] ‘ وڻ وانگي،<br>
ڪڏهن ڪنيين جيڏا پاڇا.

سج - لٽڙئي ۽ اُيرئي ڏسجن،<br>
قد ڪبان بيٺا ٿيٺا پاڇا!

جئن جئن چوٽيءَ سج چڙهي ٿو،<br>
پيرن منجهہ رلن ٿا پاڇا.

رات پئي تہ الائي ڪاڏي،<br>
جن وانگر گم ٿيا پاڇا!

ماٿهوءَ ماپَ نہ بيٺي ساڳي،<br>
ڪم آندا سڀ، آٿر، ڪاڇا[3] !

---

[1] ڪاڇا = ننڍائي- وڏائي (ڪچَ- ماپ).<br>
[2] ڪابولي = ٻٻر جي وڻ جو هڪ قسم. جنهن جون سڀ ٽاريون مٿي سڌيون وينديون آهن ۽ گهاٽو ڇڳهو ٿيندو آهي.<br>
[3] ڪاڇا = ڪَچڻ ۽ ماپڻ جا اوزار.

❖

ھِٿڙي- ٿِٿڙي ھيءَ نِنڍڙڪي-
اڪ، ڇو تُنھنجي مُنهَن تان تِرڪي!

راتِ- سَمي ۾ سِج اُڀري پيو،
تو جِئن جھاتيو[1] ڪولي ڪِرڪي.

اڄ مون توکي ياد ڪيو آ،
توکي آئي هوندي ھِڏڪي!

راتاڪون برسات وسي ٿي،
مَن ۾ ماضيءَ جي وڄ چِمڪي.

خوابن منجھہ هٽن ٿا دَڙَها[2]،
ساپيائن جا گھوڙا ھِٽڪي.

مايوسيون تيون مُرڪن وينيون،
آشائون تيون روئن ڊِڊِڪي[3]!

"آثم" ڪي ھي گُھرج مَلم جي،
دنيا مَھِتي قَتَ تي قِتڪي!

---

[1] جھاتيو = نھاريو، جھاتي پاتي.
[2] دَڙَها = گھوڙا زور زور سان پٽ تي پير هٽندا آهن.
[3] ڊِڊِڪي = سُڏڪا ڀري روئڻ.

❖

ڪجهه رواجي ۽ واجبي[1] ماڻهو،
ڪن تا اهڙا به صاحبِي ماڻهو!

هڪڙا جراح، هڪڙا ڪاسائي،
ڪوڙ قسمن جا ڪاسبي[2] ماڻهو.

ڪي خريدن ضمير، ڪي وڪڻن،
ڪئن به، دولت ڪمائبي. ماڻهو!

منهنجي نظرن ۾ محترم آهن،
اوڏ ، ڪوري ۽ ڪارِبي[3] ماڻهو.

قوم لئه شاعري ضروري آ،
پنهنجي تاريخ ناهبي، ماڻهو!

اَڄُ مرڪي ڏنو تو آٿم ڏي،
جيڪا گهرندين بَها[4] ، ڏِبي، ماڻهو!

---

[1] رواجي ۽ واجبي = نالي ماتر، معمولي
[2] ڪاسبي = پيشاوَر.
[3] اوڏ، ڪوري ۽ ڪاربي ماڻهو = هنرمند ماڻهو (ذاتيون).
[4] بها = بمت، سلهه.

❖

واءُ ڪوئــي تــَـــذو ورَنُ گهرجـــي،
تـــِچڪندي زندگـي نــَــرڻ گهرجـي.

رات جــي ٻـاٽَ تــي وڃــي وَڏنـدي،
لاٽَ هــر واٽ تــي ٻــَـــرڻ گهرجـــي.

چوڌُـــ چولين کـي ڪيتـرو ٻـ هجـي،
نــاوَ[1] هــر حـــال ۾ تـــرڻ گهرجـــي.

امــن ۽ شـانتيءَ جــي دشمـــن کـــي،
مـارجي، يـا تـ خـود مــَــرڻ گهرجـي.

منهنجـــي واڪـــاڻ ســـاڻُ گـــڏ. يـــارو!
مـون تـي تنقيـد پـي ڪــَـرڻُ گهرجـي.

نــِينهن- جي شينهن کـي نــِپائڻ لئـ،
سوُنهـن سـَنگم جـو تـو هـَـرڻُ گهرجـي.

ڪـا تـ سـاعت سـُـڪونَ سـان مـولا!
تـَـنهنجي آشم جـي پـي سـَرڻُ گهرجـي!!

---

[1] ناوَ = ٻيڙي.

❖

ڪونہ ڪَيي ڏَکَ هٽيا آهن،
اهڙا موقعا ٻَٽيا آهن.

جيوت- جاڳرتا جي جُڌَ[1] ۾،
گهاوَ نہ پنهنجا ڳَٽيا آهن.

سورهيہ ڄَمندي ڄَمندي، ڪڏهين -
ڪانئر پيٽان ڄَٽيا آهن.

قرضَ تہ نيٺ اُگاڙي وٺبا،
جنهن ڪان، جي ٻِہ، لَهٽيا آهن.

پيارن سان گڏ آئم! تن جا -
بارَ وِرهائي ڪٽيا آهن.

---

[1] جُڌَ = يُڌ. جنگ. لڙائي.

❖

سَچُ نہ ماريو زهر- وَٽي،
بازي ويو سقراط ڪٽي.

گهوري جانِ، وڃي تہ وڃي،
ماٺهو مقصد ڪان نہ هَٽي.

اڄ، ڪنهن جي دَرشن جي بک،
سِڪَ جو پَئي ٿي هانءُ ڇَٽي.

سامُنهن: نيڻ- نهارَ نہ ڪا،
ڪيئن اڄوڪي سانَجهہ ڪَٽي؟

داٿو- داٿو ڏار نہ ڪر،
ساٿي! دل جو سَنگُ سَٽي!

ڏاهپَ ڏاڍا ڏنپَ ڏنا،
ڏاتِ پريا تم ڏُک ڏٽي[1].

اهڙو ڪو چَنجورُ هجي،
پِيڙائن جي پاڙَ پَٽي.

آٿم! سچ جو ساٿ ڏجانءِ،
جيونُ جيڪي ڏِينهَن بہ- ٽي!!

---

[1] ڏٽي پرڻ = لتاڙي پرڻ (گهٽو پرڻ).

❖

تُنهنجي چپَ تي مرڪ ته آ، پَر مُنهَن ۾ ڪوئي موهه نه آهي،
نانءُ ڏِجي ٻيو ڪهڙو ان کي نيٺ، اِهو جي ڊوهه نه آهي؟

ڪوڙُ لڪائڻ سان ٻه نه لڪندو، ڪنهن تي ڪو ڪاوڙجي ڇالئه،
ڏوڙ ڀيل مُنهن ميرو ڏِسبو، آئينني جو ڏوهه نه آهي![1]

مَٽون ڦوڪي، مُڪون تاڻي، تون ڇو مون تي ڪاهه اچَين ٿو؟
پنهنجي تاريءَ آءٌ تڳان ٿو، تنهنجو مون تي توهه نه آهي.

ميڻ - بتيون ٿو ناهيان وينو، اونداهيءَ ۾ ٻاري رکندس،
ڊڄ نه ڊيڄو ميڻُ آ هٿ ۾، مُٺِ ۾ لِڪل لوهه نه آهي!

ڏات اسان جي: سنڌو- ڌارا، ڪانه مُڪي[2] آ، ڪانهي مُڪٽي،
ڪوبه نه سوچي وِهڪَڻ[3] جو، هي رِڍ- ٻڪريءَ جو اوهه نه آهي.

جئن تا سوچون، تيئن ڪبو پيو، ڇٽلنج سانڍ ڇئون ٿا سيڪجهه.
سَڪٽو لفظن منجهه لڪائي، ڇَندٽو ڪنهن تي ڇوهه نه آهي.

آٿم ڪونه اڪيلو پيتَرَ ۾ غدارن سان ويڙهه وڙهي ٿو،
سيرا[4] سورهيه سانڍ اٿس سڀ، آيَرن جو اَنبوهه نه آهي!

---

(1) "سچ بات مان لیجئے چهرے پہ دهول هے،
الزام آئینوں پہ لگانا فضول هے."

(2) مُڪي = ختم ٿي.

(3) وهڪي وڃڻ = ڪير ذهن بند ڪري ڇڏڻ.

(4) سيرا = سگهارا.

❖

هيءُ ڏونگر: ڏُڪيا ۽ ڏنگا - ڏانگڙا،[1]
وَڏ- اورانگهہ! سيئي لَڪيون، لانگهڙا.

ڪيتُ ڪايو وجن پيا سمورو مَڪَڙ،
سي بچايون. رهيا جي بہ تي ٿانگڙا[2].

اڄ تہ ڪنهن جي اڇڻ جو نہ امڪان آ،
چو لَنوين ٿو ڪنڌيءَ تي پيو ڪانگڙا.

آءُ فولادُ، يا ڪو جبل آهيان،
ڏنگَ مون کي هٽي چا ڪندين ٽانگڙا!؟

تون تہ آثر! تَرڻ تار مان ٿو گهرين،
هي تہ تڙَ سي لڳن تا پيا تانگڙا[3]!

---

[1] ڏنگا- ڏانگڙا = وَر- وَڪڙ.
[2] ٿانگڙا = ٻوڙا. ٿيلا.
[3] تانگڙا = نندي پاٽيءَ وارا.

❖

شاعر آهيان، ڪافر ناهيان،
ڪيئن چئو ٿا: ”بت نہ ڀاهيان!“

سرجڻهار وڏي سگهہ وارو،
تنهن کان ٿانڀاٽا ناهيان.

اکين- ٻُوٽ، مَشِيني ماڻهو!
توکي ڇا معلوم ته ڇاهيان.

ڪو بہ ڪري نہ سفارش ڪنهن جي،
منهنجي مرضي جنهن کي ڇاهيان.

روزُ سڙان ٿو، روز ڦُٽان ٿو،
شايد آءٌ بہ ”ققنس[1]“ آهيان.

قرض متيءَ جا آڻ - ڪُٽ آٿم!
ڪهڙا لاهي- ڪهڙا لاهيان؟

---

[1] ققنس= أهو پکي، جيڪو پنهنجي ئي راڳ (لاٽ) تي سڙي رک ٿيندو آهي ۽ انهيءَ ئي رکَ مان وري نئون جنم وٺندو آهي. (ليکڪ)

❖

اڄ تہ پرين! اچ ڊوڙَ يري،
منهنجي پـِنبڻين پيرَ ڌَري!

مون وٽ، توکان اڳُ، تُنهنجو،
واسُ، پڳو آ پند ڪري.

تيسين مُرڪن- ماڪ وَساءِ،
جيسين مَنَ جو مچ ٺري!

باڪَ ڦُٽڻ تي آهي، پر،
نيڻن ڪانْ آ ننڊَ پري.

گهاٽي جهڙيون هيءُ گهڙيون،
ٿاندو- ٿاٽو ڪيئن ٺري؟

پيارُ: پريتم ريءَ آٿر!
ناڪي[1] ريءَ نہ ناوَ[2] تَري!

---

(1) ناڪي = ناڪو (ناڪئو) ٻيڙي هلائڻ وارو.
(2) ناوَ = ٻيڙي.

❖

آدم ۾ الله تـــو ڳوليـــان،
پنهنجـو مـان ويساهــُــ تـو ڳرليـان!

اڳ جــو ابراهيـم[1] متـان تيـو،
بـاغ، اُهـو آڙاهـ تــو ڳوليــان.

لڙڪ اُگهي، ڦـَـٽَ چيني[2] ڪنهن جـا،
اهــڙو ڪـو اُتسـاهـ تـو ڳوليـان.

ڪيئن، ڪڏهن؟ هو مون سان ڪنهن کي،
چئـن گهڙيـن جـو چاهـ تـو ڳوليـان.

واهــڻ- واهــڻ، ويڙهَــي- ويڙهــي،
سـرهو ڪوئـي ساهـُـ تــو ڳوليــان.

اُڊڪـن[3]، اوسـيئڙن ڪـان آجـو،
وَنيـن جـو وَنواهـُـ تـو ڳوليـان.

مـاڪَ ڦـُـڙا! مـان آٿـم آهيـان،
ڏوبـڻ لئـ درياهـُـ تـو ڳوليـان!

---

[1] ابراهيم = حضرت ابراهيم عليہ السلام
[2] ڦٽ چيني = ڏوئي پوئي ملم وغيره لائڻ.
[3] اُڊڪڻ = ائيندي جا دپ، ڪُنڪا، ڳڻتيون.

❖

اوءِ ماڻهو خوبصورت! ڇا ڪجي؟
ٿي وئي توسان محبت ڇا ڪجي!

سونهن ڪمزوري آ منهنجي مُند ڪان،
سونهن وارن ساڻ حجت ڇا ڪجي؟

هر نموني توتي ظاهر ڪئي اَٿم،
تون نہ ٿو سمجهين حقيقت، ڇا ڪجي!

ڪئن نظرَ- گستاخُ مان توڏي ڪٽان؟
غيرتن[1] کي ايندي غيرت، ڇا ڪجي؟

تون ئي ڪا مون لئہ سزا تجويز ڪر،
پاڻ سان پاڻهئي بغاوت ڇا ڪجي!

واٽ ويندي، پر بہ، ڳالهايئہ تہ ڪجهہ،
حڪم ڪر هاڻي، تہ خدمت ڇا ڪجي؟

مون چيو: "خط يي نہ ٿو ڪڏهين لکين،"
هُن چيو: "ڪانهيم فرصت، ڇا ڪجي!"

اڄ بہ آٿم! دوستُ هڪڙو ڪاوڙيو،
سچ چوڻ يي آ مصيبت، ڇا ڪجي!

---

[1] غيرتن = غيرتمندن کي.

❖

اُجرو مَنُ مدينو آهي،
ڪارِي دل ۾ ڪِينو آهي.

پيڻ مهانگ آ: عين عبادت،
هي رمضانُ مهِينو آهي!

مُلڪُ مسلمانن جو پنهنجو،
سيٺ مگر بي- دينو[1] آهي.

سحريءَ ويلي سُڪي ماني،
افطاريءَ تي اِينو[2] آهي!

بجَٽ مهيني ڪان پيو ايندي،
پهتو اَڳُ پَسِينو آهي.

نَڪَ ڪُنديو، ڪو، پنڌ وجي پيو،
هُندا[3] تي هڪ بينو[4] آهي.

ايل.ايل.بي پُٽ منهنجو پيارو،
ڪورٽ ۾ اسٽينو[5] آهي.

قَتڪِي قَتڪِي قيهُ نہ آئم!
قڪٽا[6] سارو سينو آهي!!

---

[1] بي دينو= بي دينُ (جيڪو دينَ سان سچو نہ هجي).
[2] اينو= قبض ڪُشا. فروٽ سالٽ.
[3] هَندا = موٽر سائيڪل.
[4] بينو= قتل (نندي) نَڪ وارو.
[5] اسٽينو= اسٽينوگرافر.
[6] قُڪٽا= قُوڪٽا.

❖

ڪڏهن تُنهنجي واتان جي 'ها' تي پوي،
تہ مون لئہ الائي تہ ڇا تي پوي؟

غزل مان لکان: تون ڪڏين پيو چُڪون،
اِئين هڪ دفعو شل اَلا! تي پوي.

تون مُرڪي، پو پنهنجو ارادو ڏسين،
تہ منهنجي بہ مرضي اُها تي پوي.

مِلي پاڻَ: پنهنجي شَڪن تي تَليون،
تہ، هر ڳالهہ جيڪر صفا تي پوي.

تَڏا ساهَہ ئي، پَر، جي ڳڏجي ڪٽون،
تہ ڌرتي تتل هيءَ ڳڙا تي پوي.

جي ماڻهو سيئي هڪ- ڪرا[1] تي پون،
تہ، دنيا سڄي 'واهہ- وا' تي پوي.

تِجوڙين پرڻ جي نہ مِرگهي هجي،
تہ مرضن گهٽڻ جي دوا تي پوي.

ڏکي ناهہ تقدير بدلي سگهڻ،
مگر، شرطَ آ، 'نا ہِ نا' تي پوي.

وجي ڪنڌُ ڪَيڄي وطن جي متان –
تہ، هڪ قرض آثم! اَدا تي پوي!

---

[1] هڪ- ڪرا = هڪجهڙا- برابر.

❖

ماٺڙو رَتُ پيئڻ تو چاهين،
ميڇر جيئن، جيئڻ تو چاهين!

منهنجا حق ڦٻائي، پو پي-
منهنجو ياءُ ٻيئڻ تو چاهين!

گهوگها ڏيئي، مون کي ماري،
منهنجو پَت[1] کيئڻ[2] تو چاهين!

'ڪي- تنوءَ' جي چوٽي تي ويهي،
مون سان هٿ ڏيڻ تو چاهين!

ڌرتيءَ مايا، ڌرتيءَ اندر -
اوقارون! نيئڻ[3] تو چاهين.

رڳن[4] وارا توپا توڙي،
سَڳن ساڻ سيئڻ[5] تر چاهين.

دوستُ ائين ڪيئن ٿيندءِ آٿم،
جنئن تون دوست ٿيئڻ تو چاهين!

---

[1] پت = ختمي جي ماني.
[2] ڪيئڻ = ڪائڻ (ڪيئڻ ڏکڻ سنڌ جو لهجو).
[3] نيئڻ = ڪٿي وڃڻ.
[4] رڳن = رَت جا رشتا.
[5] سيئڻ = سبڻ (سيئڻ سرائڪي لهجو).

❖

دَر ڪـي بنـد ڪـرڻ جـو مطلـب؟
گهـر ڏي ڊوڙَ پـرڻ جـو مطلـب؟

"پـاڳل- پـاڳل- پـاڳل آهـي،"
ڪنهـن تـي ٺـوڪ ڪـرڻ جـو مطلـب؟

ايـندي- ويـندي، هـڪ شـاعر کـي،
اهـڙو تنـگ ڪـرڻ جـو مطلـب؟

"آٿـر! آٿـر! بيهـُـ تـہ آٿـر!"
پويـان سـَـڏ ڪـرڻ جـو مطلـب؟

هـُـن- هـڪ نـالي جـي اکـرن ۾:
طرحيـن رنـگَ پـرڻ جـو مطلـب؟

مـُـلهہ مهـانگن رومـالن تـي،
لـِـکي پـَـرتَ پـَـرڻ جـو مطلـب؟

تـَـدڙا تـَـدڙا، ڏاڍا تـَـدڙا،
سُـڏڪـِـي ساهـَـ پـَـرڻ جـو مطلب؟

دل- ديـول جـي دروازي تـي،
ايـڏي چـِـپ[1] ڌَرڻ جـو مطلـب؟

---

[1] چِپَ = وڏو (ڳرو) پٿر.

❖

زهر پريا ها اُنگَ اوهان جا،
ياد اٿم سڀ ڏنگ اوهان جا!

جُهڙ لٿو ۽ غائب ٿي ويا،
اندلٺ جهڙا رَنگَ اوهان جا.

جئن جئن لهندي ويئي قلعي،
ظاهر ٿي پيا زَنگ اوهان جا.

نقلي چارڻ! اصلي ناهن،
چپَ اوهان جا، چنگَ اوهان جا.

پنهنجا هنجهہ اَڇي[1] جا هيرڪ[2]،
ڪائي- ڪائڪ[3] ڪَنگَ اوهان جا.

گهوبيون ۽ چالاڪيون آهن،
'مرگهيون' ۽ 'اَڌ رَنگ' اوهان جا.

بڻجي پيا ناسورَ سماجي،
لَچڻ: لُچ- لُفنگَ اوهان جا.

سمجهي ويو آ سياستدانو!
آٿمُ ڍَڪيل ڍَنگَ اوهان جا.

---

[1] اَڇي = اَڇو (صاف) پاڻي.
[2] هيرڪ = هيراڪ.
[3] ڪائي = سينور. ڪائي ڪائڪ= ڪائي ڪائڻ وارا.

❖

چَلڪيا نيڻ- ڪٽورا تُنهنجا،
پِرمَ ٿيا اڄ پورا تُنهنجا!

تُنهنجي پيار ڪرڻ جا ساڪي:
هي سڀ هورا- ڪورا تُنهنجا.

اکين مان ٿا چغلي کائن،
لالُ - گلابي ڏورا تُنهنجا.

اکِ اَٽڪائي: ويندي- ويلي،
پيرَ لڳن ٿا ڳورا تُنهنجا!

رِيتن[1] منجهه رَڙيون ٿيون ٻڌجن،
"وا! زوراوَر زورا تُنهنجا!!

"اوءِ!" اکَر سان سَڏ ڪيو تو،
ٿي ويا ڏاڍا ٿورا تنهنجا.

اڄ ڪان آٿم لکندو رهندو،
گيتَ، غزل ۽ مورا تُنهنجا!

---

[1] ريتن = رسمون- رواجَ.

❖

مون سان: تُنهنجو ساٿ سچڻ! هجڻو سخت ضروري آ،
توريءَ منهنجي ڪاب گهڙِي پوري ناهِ اَڌوري آ.

تنهنجو مون ڪان ڏُور پچڻ ۽ منهنجو ڊوڙي پهچڻ،
شايد: تُنهنجي ۽ منهنجي اهڙي ڪا مجبوري آ.

ماڻهوءَ جي ناتي سان، جي ڪنهن جي تي تعظيم ڪجي،
موتَ ۾: موتي ماڻهوءَ ڪي مِلندي ڇو مغروري آ؟

سچ ۽ پيارَ جي لاءِ هتي اهڙا ئي انعام ڏنم،
يا تہ اَڏِي ۽ ڪنڌُ آهي، يا تہ سِسِي ۽ سُورِي آ!

مارَ پوئي! رُت پَن- ڇَڻ جي، تون ڇو آئينءَ، تُنهنجي آئي -
ڪنهن بہ بَبُر ۾ گُل ڪونهي، نم ۾ ڪانہ نِموري آ.

جا تي هوندو باغُ، اُتي واسُ بہ ويجهو هوندو، پر،
ڪوهين ڏور بہ آئم جِي مُلڪن ۾ مشهوري آ.

———

❖

هــر اڪــرَ منجهـــ زندگــي آهـــي،
منهنجــو هــر گيــتُ روشــني آهـــي.

پنــجـ وقتــي نمـــاز آ تـــُـــنهنجي،
پنهنجــو هــر مـِــــنٿ بندگــي آهــي.

ٻـــارُ ننـــڍڙو رُنـــو پـــي پـــاڙي ۾،
رات ســـاري نـــ اڪ لڳـــي آهـــي.

چيــرِ چـِـٽڪـــي، ڳليءَ ۾ خوشبو آ،
ڪنهن ڪنواريءَ، ڪا وِڪَ ڪنئي آهي!

ڀُـونءِ جي سـونهن تـي تـو ڳالهائي،
مون ڪي نـئينِ نسل تي خوشي آهي!

جيڪا ڪَـوِتا تي سـَـچُ لڳي توکي،
يـانءِ، آثــمَ اُهـــا لـــِــکي آهـــي!!

---

❖

اُپُ اُکيــــڙڻ بنـــــد ڪـــــر،
ڊَپُ پــَـــــڪيڙڻ بنــد ڪـــر.

بـــڪَ: بـَـــڪڻ وارو، اِهــو،
نـــارُ گيـــڙڻ بنـــد ڪـــر.

تـون ســـبڻ نـاهين ســـڪيو،
ڦـــٽَ اُڌيـــڙڻ بنـــد ڪـــر.

آئينـــو هـــت ســـان پچـــي،
پـــورَ ميـــڙڻ بنـــد ڪـــر.

روءُ، ڪنهـن جي سُـورَ تـي،
ڏنـــدَ ٽيـــڙڻ بنـــد ڪـــر.

مـون ڪي، منهنجـي واٽ تـان،
دوســـت! ٽيـــڙڻ بنـد ڪـــر.

ڪالهــ جـــي: آٿـر اڳيـان،
ڳالهـــ ڇيـــڙڻ بنـــد ڪـــر!

---

❖

جَنتن جي جستجُو جاري رهي،
دل ۾ اهڙي آرزو جاري رهي.

”ليس الانسان“ تي مضمونَ لِکُ،
شعر ۾ ”لاتقنطو“ جاري رهي.

جنگ پنهنجي ’ڪاز‘ جي جِيتڻ جي لئه،
لِگّ لِگّ مان پل لهو جاري رهي.

سنڌ جي مَٽي ۽ پاڻي پاڪ سان،
تَيَمُّ تو ڙي وضو جاري رهي.

چپ رهڻ آهي علامت موت جي،
ڪانه ڪا، پَر، گفتگو جاري رهي.

ناوَ ڪي وِچ- سِيرَ ۾ ڇڏڻو نه آ،
هٿ هلن تڪڙا، چَپُو[1] جاري رهي.

ڪوڙَ جي مُنهن ۾ هميشه واسطي -
يارَ آٿم! ”آخ - تو[2]“ جاري رهي!

---

(1) چَپُو = ٻيڙي هلائڻ جو هٿيار (ونجهه).
(2) آخ - تو = توڪارَ.

❖

اندر اَجگر[1] ظاهرُ ماڻهو،
هوندو ڪوبه نه شاعرُ ماڻهو.

جيڪو ڪنهن وٽ جُهڪندو ناهي،
ليڪيو ويندو ڪافر ماڻهو.

ناجائز کي جائز سمجهي،
تِنهن کي چئبو آمِرُ ماڻهو.

”هٽندن پويان، پَجندن آڏو،“
ڪِرت ڪندو آ ڪانئر ماڻهو!

پَل نه ٽيندو، ساٿُ نه ڏيندو،
واڪِرُ[2]، واتِرُ[3]، وائِرُ[4] ماڻهو.

”ڪودِ وَردِ[5]“ ۾ ڳالهائڻ جو،
آٿم آهي ماهر ماڻهو!

---

(1) اجگر = ڪوراڙ. ازدها (خوفناڪ بلا).
(2) واڪِرُ = واڪا (رڙيون) ڪرڻ وارو.
(3) واتِرُ = گهڻو ڳالهائيندڙ.
(4) وائَرُ = وائڙو (هَوائي).
(5) ڪودِ وَردِ = ڳُجهن لفظن ۾ ضروري پيغام ڏيڻ.

❖

بـُــرقعو لاهــي، بــازَر منجهــ، ’شــرافت بــانو‘!
شرم- حيا جو، ڪيئن هنيو تــو مـون کـي طعنـو[1]؟

بُـک بـُـري آ، منهنجي وينـي، منهنجي هـَٽَ تـان[2]،
ڪـانءُ ڪٽـي ويـو زوريءَ، ڇـِـڪي مـان هـڪ آنـو[3]

ڏُوهـر، ڪـُـت متــان ۾ هينـان آري[4] - پالـُـر[5]،
پـوءِ بـہ اوٽَ جهڳيءَ جي تـِـئي تــو سـَـرَ جـو ڪـانو.

منهنجـا گيــتَ ڪتـابن بـدران، ڪـاش! تيــن هــا -
ڪنهن جي ڳُـتَ جي سڳي، ڪنهن جي ڳلَ جـو ڳانو.

آٿــمَ جهـــڙو آســودو ٻيــو ڪوبـــ نـــ هونـــدو،
جنهــن وٽ جـڳَ جـون ڳـٽيـون- هـورا ڍيـرِ خزانـو!

---

[1] طعنو = آوازي قافيو.
[2] هـَٽَ تان = دُڪان.
[3] آنو = ڪـُڪـِڙ جو.
[4] آري = ننڍڙي سـُوجي- ڪاٺ ۾ لوهہ ڪپڻ جي ڪارائي.
[5] پالـُر = پـَنَ (سـَر جا ڊگها تـِيلا) هٿن ۾ چير وجهندا آهن.

❖

سُئي ڪا 'مليريا' جي هنئي ڪنهن مَڇَر آ،
پُسائي ڇڏيو جسمَ سارو پَگهَر آ.

نهاري تہ مون ڏي تي پئي دير ڪان، پَر-
جا، ڪايا ڪي پلٽي نہ هيءَ سا نظرَ آ.

وڏو هُن هو ڪلهہ ڪنهن ڪي ياڪر پِچائي،
اِها، هُن جي سَرتين ۾ اڄ پي پَڇَرَ آ.

وڏو وقتُ وڇڙئي تيو توڪان سَرتي!
اجا يادِ سيني ۾ تنهنجي سڄرَ آ.

چيائونس: آثم پَساهن ۾ آهي."
چيائين تہ: مون ڪي اڳي ئي خَبَر آ!

——

# هائيڪا

ها! پر ڪنهن جي ڪاڻ،
وڻجارا! آندءِ هِتي-
ساڻُ ڪٽي سرهاڻ؟

❖

دنيا ۾ ڀُونچال[1]،
ڏرتي! تنهنجي پيٽ ۾-
ايٽم- استعمال!

❖

ڪيڏو ٻارُ شريرُ:
تِيسو[2] هرهڪ ڳالهہ تي-
ڪاوڙ هاريو ڪيرُ!

❖

ڪُڙميءَ سان هيءَ ڪار[3]!
هُن جي پوکِيل پوکَ کي-
ڪائي وينَي جهارِ!!

❖

ڪُڙميءَ ساڻ ڪلور[4]،
نانگ نپوڙيو تو ڇڏي-
جهرڪين ڪان مجبورُ!

❖

ڪُڙميءَ کهڙا ياڳَ؟
ڏَنُ ٻڌائي ڏوڙ مان-
ميڙي وينو داڳَ!

---

[1] ڀونَچال = زلزلو.
[2] تيسو = ضد، ڦَڏو.
[3] ڪَار = ڪار تيڻ (اصطلاح) جِٺ تيڻ، تڪليف اچڻ.
[4] ڪلور = ويلُ، ناحق.

❖

ڪُڙميءَ ڪهڙو حال،
داڻا[1] دنيا واسطي-
پنهنجي لاءِ پَلال!

❖

هيڏو- سارو سيءُ،
ٻاهر بوتو[2] برف جو-
اندرِ ڪُورو جيءُ!

❖

بارش: چِگدو[3] - چِڪ،
ٻاهر پيو پارو چَمي-
اندر، پَگهِري سِڪَ!

❖

منڙي سُرَ ۾ سينڌِ[4]،
وينو ڏِئي ڪو مَامَ ۾-
ڪنهن نَاريءَ ڪي نينڌِ[5]!

❖

سائيڪل تي سوارُ،
ماٺو نڪتو آ، ڪرڻ-
طوطن جو واپارُ!

---

[1] داڻا = اناج.
[2] بوتو = بدن.
[3] چِگدو = چغدو، گَپَ.
[4] سينڌِ = چَپن سان سيٽي وڄائڻ.
[5] نينڌِ = ڪوٺَ- پيغامَ.

❖

ڪيڏي اَمڙيءَ[1] ڳَڻَ،
گهرِ ٻَچڙي ڪي ٻُڪ لڳي-
ڏورِ سَگويس[2] تڻَ!

❖

هي ميلا، هي ميڙَ،
سهرا ڳائڻ سنڌُ جا-
يارَن جي آ چيڙَ!

❖

جوئر جا ٽي سنگَ،
تن کي پي ڪاٽي[3] لڳي-
جِيجان! پَجُ مارَنگَ[4]

❖

امريڪي راڪيٽُ،
قادر جي ڪاريگري-
تيندي مَليا- ميٽُ[5]!

❖

روُسي ميزائيلُ،
ڌرتيءَ وارن خلقيو-
آهي عزرائيلُ!

---

[1] اَمڙيءَ = اَمڙ (ماءُ) کي.
[2] ڏورِ سَگويس = تَج پرجي اچڻ.
[3] ڪاٽي = پوکَ جي بيماري (جنهن ۾ داڻا سڙي ڪارا ٿي ويندا آهن).
[4] مارَنگَ = مٽيءَ مان ٺاهيل ٽي ڳوڙها (جن تي تئو يا ديڳڙي رکي رڌپچاءُ ڪبو آهي).
[5] ميٽُ = تباهَ- برباد.

❖

چينـــي ايٽـــم- بـــَــــمُ،
ســـاري مخلوقـــات جـــو-
چـــانڊ چٽيـــو هـــڏ- چـــم!

❖

چانـدوڪـي: چـِـتـُ- چـورُ،[1]
ڪنهن جي ڪاريءَ چَڳَ تي-
رات نـــِـــميو[2] تـــي نـــورُ!

❖

ســـيجَ ســـُـــتو انســـانُ،
رات رُڪـــوع ۾ چنـــڊُ هـــو-
ســـانتيڪو[3] ســـبحانُ!

❖

يـَــر ۾ يـــُـــٽڪي مـَــڪِ،
ڪنهـن جي ڳاڙهي ڳَلَ تـان-
تـــِــــرڪي ويئـــي اَڪِ!

❖

سانوَل! تـُـنهنجو سـُـنـَــهن،
تـُنهنجي آڏو ڪيئن ڪچان؟
نـــِــٽرگهٽ تـــي آ ننهـــن!

---

(1) چـِـتـُ- چورُ = پڳل، ڏل.
(2) نـَميو = جُهڪيو- وَسيو.
(3) سَانتيڪو = سانت ۾.

❖

ڪونو: 'ڪان- ڪان[1]' ڪانءُ،
باسيم اڄ مانيون منيون-
ونندي تنهنجو نانءُ!

❖

ڪانءَ سرانديءَ ٻانهن،
ڊيلَ بنا رَڙ مورَ جي:
منهنجي دل جي دانهن!

❖

ٻُت تي اُچو ڪوٽ،
قيمت جنٽلمين جي-
هڪڙو 'سائو نوٽ!'

❖

ڇاٽون- ڇپر: ڇيڄ[2]'،
ٻولن ٻالڪ سنڌ جا-
"ييڄ يٽائي ييڄُ!"

❖

گل ڦل، ٻوٽا- ٻورَ،
ڇانئون- ڇَپَر مُلڪ جا:
هاري ۽ مزدورَ.

❖

پيشانين ۾ نُورَ،
ماڻڪ، موتي مُلڪ جا-
هاري ۽ مزدورَ.

---

[1] ڪان- ڪان = ڪانوَ جي ٻولي.
[2] ڇيڄ = ناچ، خوشي.

❖

خوشبو، واسَ ڪٽورَ،
چَندن، موتيا مُلڪ جا-
هاري ۽ مزدورَ.

❖

سيني ۾ سوَ سُورَ،
سِسڪيون، سُڏڪا مُلڪ جا-
هاري ۽ مزدورَ!!

❖

مون- تَن، تنهنجي ڪانڊَ[1]،
مينهوڳيءَ ۾ جيئن هجن-
پِٽ تي ڪِوليون: لانڊَ[2] !

❖

وَهمن جي ماري:
سادي- سُودي اَڻ- پڙهي،
منهنجي گهر واري[3] !

❖

نيشُ[4]، نئُون- نيرِي[5] :
مان شاعر سچ جو-
وهمن جو ويري!

---

[1] ڪانڊ = اُڪنڊَ- اُڪيرَ.
[2] لانڊ = قطار.
[3] گهرواري = زال.
[4] نيشْ = مضبوط.
[5] نئُون- نيرِي = نئدو- نيٺو. جوانُ.

❖

پــائي مــاٽهوءَ ويــسُ،
رُئنــدن ڪــي روئــاريئون-
اُجلــي ڳوڙهــا- گيــسُ!

❖

دل تــي ڪــارا داڳَ[1]،
چوريءَ ڪُڪ چيري ويا-
بديشــي[2] بــُــل ڊاڳَ!

❖

منهنجـــي آڪـــاٽي:
اڄ ٻيي گهر نــاهي مليــو-
پٺســن تــي پــاٽي!

❖

چَـهبُـڪ جهڙي چيلهــِ،
گوريءَ گهـڙو ڪـيچ تـي-
چالِ وَٽي پَـٽي ميلهـِ[3]!

❖

ســـُـــونهن وڏو ســـاٿو[4]،
چـُـڙڪــِـي[5] پيــو چــِـرڪَ ۾-
ڳيـــروءَ جـــو ڳـــاٿو!

---

[1] داڳ = داغ. نشان.
[2] بديشي = ٻئي هنڌان آيل. ڌاريا.
[3] ميلهہ = ڳاهہ ڳاهڻ وارن ڏاندن جي ڪنڌ ۾ وجهڻ وارو پـلال جو نوڙ
[4] ساٿو وجهڻ = سَٽي چڏڻ.
[5] چڙڪي = اڪڙي.

❖

سنڌوءَ سُونهن مَها،
بيهَڪ چورين بُتَ جي-
بيٺن منجهه چَها[1] !

❖

اربيلي- اَلهڙ[2]،
وَٽجي ڪِريا نينگرا-
چورِي يا تَلهَڙَ[3] !

❖

جيڏو چولين- چوهه،
ڪنهن ڪنهن ڇهري ۾ ڏنم-
تيڏو ماٺو- موهُه.

❖

جيڏو جبل- روهه،
ڪنهن ڪنهن ماٺوءَ مَنَ ۾-
تيڏو وڏو ڊوهه!

❖

ماٺن جي چوري[4]،
شايد ٻَچِي پُونءِ جي-
عمر وجي ٽوري!

---

(1) چها = لَئيءِ جي ٻوٽي جا سنهڙا سڌا ٽارا.
(2) اَلهڙ = بي پرواهه.
(3) تَلهَڙَ = چَمڪَ (چهبڪ).
(4) ماٺن جي چوري = اغوا جون وارداتون.

❖

مينديءَ جو ٻوٽو،
ڀُورَ[1] - وَهيءَ جو پيارُ آ-
جنت جو جهوٽو!

❖

پَٻڻ جو ڏوڏو،
عشق ڪنواري- سُونهن جو-
پِينگهي جو لَوڏو!

❖

بازَ جَهٽي جهرڪي،
پيرن هينَان: سوچ جي-
پُونءِ وئي سرڪي!

❖

هئه! ڇو دِل هرڪي[2] ؟
سورهن- ساليءَ ڏي ڏنم-
پيرُ ويو تِرڪي!

❖

سانجهيءَ ڏيئي سَٽَ،
تيرنهن - تالي[3] ڪامڻي-
وئي اُديڙي قَٽَ!

---

(1) ڀُور = ڀوري ڀوري جواني (ڀرپور جوڀن).
(2) هرڪڻ = هِرڪڻ، موهجي پوڻ، پسند ڪرڻ.
(3) تيَرنهن- تاليَ = چالاڪ، فريبي.

❖

مَنَ ۾ موهُ ۽ مُنهن ۾ موشو[1]،
نارِ هنيلي! تُنهنجي هاني[2] –
گَزَ[3] – لئيءَ جو ڪچڙو گوشو!

❖

ڪَرڪيون ڇو ڪُونجون؟
ياد ڏياريندون ويون-
جهونگارون ڪنهنجون!

❖

ڪُونجون ڇو ڪَرڪيون؟
اَڄ نه پُڄهن جُوءِ ۾-
ڪيرِن[4] جون ڪَرڪيون[5]!

❖

ڪُونجون ڪَرڪيون ڇو؟
پائي ڳَل ڳراٽڙي-
روئڻ لاءِ نه ڪو!!

❖

وَڻ وَڻ جي ڪاني،
ميلي: ماٺهو ڪوڙَ، پر-
هئه هڪ هاني!

---

[1] مُنهن ۾ موشو= حجاب. لَڄَ.
[2] هاني = هڏ- ڪاٺ
[3] گز = لئيءَ جي وڻن جو هڪ قسم جنهن جون ٽاريون سيون- سڌيون ٿينديون آهن.
[4] ڪيرن = ڳِٽن- مينهن جو ڏَڻ. ولر (ڪيرن جمع).
[5] ڪَرڪيون= ٽليون. گهنڊڙيون.

❖

خَلقَ وچي گهوري[1]،
ميلي: ماڻهو ڪوڙ، پر-
وَهه- وا، هڪ چوري!

❖

جويَنَ- اَندا ڏُندَ[2]،
ميلي: ماڻهو ڪوڙ، پر-
ماريو هڪڙيءَ مندَ[3] !

❖

پٽڪي بيڪَ نہ منگُ[4]،
جويَنُ ۽ لغڙي پَنا-
بيٺي ڦيٿُڙ رَنگُ!

❖

هيڏيءَ سوپيا[5] - سَنگ[6] ،
هلڪي ماڻهوءَ سامهون-
ڳورو هَٿُ نہ تَنگ!

❖

جوين- ٺڪريون ميڙ،
هِن- هُن ماڻهوءَ جي اڳيان-
هيئن نہ هٿ ڊِگهيڙ!

---

[1] گهوري= گهوربي.
[2] اندا ڏُندَ = پَلئون پَل، هيڪاندا. زوراور.
[3] مُندَ = عورت.
[4] منگَ = گُهرُ.
[5] سوپيا = سُونهن.
[6] سنگ = سات، گَڏ.

❖

ايــڏيءَ ســوييا ســانُ،
مــاٺهو مــاٺهوءَ جــي هتيــن-
وِڪــڻ نــ پنهنجــو پــاڻُ!

❖

پيــارُ ڏئــي پيتيــون،
پنهنجــي ڪايــا ڪــامٽي!
ڪيئــن ڪيئــ ڇيتيــون[1] ؟

❖

آ، تــ ڪتــي ويهــون،
پو ڏس: تون ڪاتئون ڪِري-
ڇـوري! تيــنءَ ڇيهــون[2] ؟

❖

بــُـڪـ بــَـلا جــا ڏنــگَ،
ڏوڪــڙ تــي نــاري ڏســي-
هــَـڏَ[3] نــ ڏســڻ جــا اَنــگَ!

❖

حيــرتَ ڪــانهي حــدَ،
مــاٺهوءَ ڪــان پــاڇو ڊگهــو-
ڪوهــُـ[4] ڪيــن تــو قــدَ؟

---

(1) ڇيتيون = ٽُڪريون، ڇيهون ڇيهون.
(2) ڇيهونَ = پورَ پورَ.
(3) هَڏَ = هرگز (ڪڏهن بہ).
(4) ڪوهُ = ڇو، ڇالاءِ.

❖

اَڳِڙيــــن- پريــــا پـــورَ،
مـاڻهوءَ ڪـان هـاتي تـُــلهو-
ڪوهـُــ ڪريـن تـو تـورَ؟

❖

پـــدرا ڪـــر نـــ پـــاپَ،
مـاڻهوءَ ڪـان اُونهـو سمنـدُ-
ڪوهـُــ ڪريـن تـو مـاپَ؟

❖

ڳَــــڻ نـــ سـَــڪٺا تـــانوَ،
ماڻهوءَ ڪـان سـو بـَــڙُ[1] چڱـو-
جيڪـــو ڏئـــي تـــو ڇـــانوَ!

❖

جهـــڙو پـــَـــبُ جبـــلُ،
مــــاڻهو ســـو مهــــانُ آ-
جيڪــــو آهـــــــ اَٽـــلُ!!

❖

ڪـــــــهـٽي[2] واٽ ويـــا،
آزاديءَ جـــي عشـــق جـــو-
بانڪـــا بـــَـــڪُ ٽيـــا!

❖

هــــاڻي هــــــت هئـــا،
هتـان نڪـري، هـُــت وڃـي:
مـــِـــنٿن منجهـــ مـُــئا!

---

[1] بـَـڙَ = هڪ وَڻ (وڻ جو نالو).
[2] ڪُهـٽي = خوفائتي، گندي، سـَـجي

❖

هُو، جي هِت هئا،
مرڪي اُتيا مون وَٽان-
سي ڪيئن مُڙس مئا؟

❖

هُو، جي هِت هئا،
منهنجون ڪَوِتائون پڙهي-
وڙهندي مڙس مئا!

❖

هُو، جي مُڙس مئا،
سي سڀ جيجل سنڌ جا-
سورهيه پُٽ هئا!

❖

امرتا پريتم[1]!
سنڌ / پنجاب پريس جو-
آ تي ڪيون ماتم!!

❖

هڪڙو خانُ- پٺاڻُ،
اَڌ درجن ڪن بارڙا-
اسڪوٽر تي ساڻُ!

❖

هيءُ جو بهاري[2]،
چمڙيءَ ڪان تنهن کي وَڏ ڪ-
دَمڙي آ پياري!!

---

[1] اَمرتا پريتم = جڳَ مشهور ليکڪا؛ جنهن کي پنجاب پريس کان شڪايت هئي.
[2] بهاري = هندستان جي صوبي بهار جو رهاڪو.

❖

ٻارن جي هڪ ٽيمَ[1]،
لَڪڙن سان وَل کي سَٽي-
ڇاٽن بينا شَيمَ[2] !

❖

جوين واپاري،
ڇوريءَ ڳاڙهي وات ۾-
”شاهي[3] سوپاري!“

❖

سينياڻي بيگمَ:
ڳالهائڻ جي وقت ئي-
ڇَبي پئي ڇيگمَ!

❖

اک نه کولي ٿو،
پاڻَ ڏني نيلام ۾-
پنهنجي ٻولي[4] ٿو!

❖

سُڌ نه لڌي ٿو،
سڪٽي ڪُني سِج تي-
ويهي رڌي ٿو!

---

(1) ٽيمَ = ٽولي.
(2) شَيمَ = هڪ قسم جي وَل جنهن جي ڦَرين مان ڪي ماٺهو ڀاڄي ڪندا آهن.
(3) شاهي = ٻُڙين ۾ بند سوئنف سوپاري.
(4) ٻولي = واڪ.

❖

هنيئـــــــــ تــــــاقوڙا،<br>
ڪنول، ڪينجهر ۾ ڇڏي-<br>
پٽيئـــــــــ پـــــــاپوڙا!

❖

ڪـــــاڏهِ نـــــ گولـــــي،<br>
ڇُـوڙيون پائي تـو چويـن:<br>
”ٻولـــِــي ڙي ٻولـــِــي!“

❖

اَڻ- جـَـهل جويـنَ جـوت،<br>
اڄ تـــون چـــاهين جيتـــري-<br>
مـــــون ۾ اڇـــــي اوتِ!

❖

پيـــاليءَ ۾ جئـــن چـــاءِ،<br>
اڄ تـــون اِئيـــن پـــاڻ کـــي-<br>
مـــــون ۾ اڇـــــي پـــــاءِ!

❖

مهڪـــي منهنجـــو مـــاسُ،<br>
مـون ۾ پيهـي[1] رهـ اِئيـن-<br>
ڦوٽـــــن[2] ۾ جئـــنَ واسُ!

❖

ســــــنڌُ جـــي ســــنڌياڻي،<br>
ڪالهـ ڪراچـيءَ ۾ اچـي-<br>
تـــي وَئـــي ڏکنيـــاڻي[3] !

---

(1) پيهي = سمائجي.<br>
(2) ڦوٽن = الاچي.<br>
(3) ڏکنياڻي = حيدرآباد دکن جي.

❖

سنڌُ جي هندياڻي[1] ،
سالن بعد بہ هند[2] ۾-
ساڳي سنڌياڻي!

❖

مٺيءَ پنوڙا[3] !
"مڪَ نہ تي ماري، مگر-
مَڪِ جا مَروڙا."

❖

ڪيئن ڪٽي تو ڪَرُ[4] ؟
نڪُ اُهو ناهي وڏو-
جنهن تي آهي مَرُ[5] !

❖

لڳندي آ چوٽي،
مَرُ[6] ڪان آجي نَڪَ اڳيان-
'ڪي-ٽوءَ' جي چوٽي!

❖

پو، جو چاهين بَڪُ[7] ،
اڳ ۾ سنڌوءَ جَل مان-
ڌوئي آ تون نَڪُ!!

---

[1] هندياڻي = هندو عورت.
[2] هند = هندستان ۾ (سنڌ مان لڏي ويل).
[3] پنوڙا = مٺيءَ جو چاٽو (مطلبي ماڻهو).
[4] ڪَرُ = ڳاٽُ. ڪنڌُ.
[5] مَرُ = مٽي، ميراڻ.
[6] مَرُ = نَڪ جي مَر: (محاورو) گِلا، ميار.
[7] بَڪُ = ڳالهاءِ.

❖

مولا! معافي-
لوڏ ڪُتن جي پوئتان:
اڳتان قَذافي !

❖

ڪيئي هجي ڪافي؟
ڪرئين واڳُن وچ ۾-
هڪڙو قذافي!

❖

او بي انصافي!
واهر ڪانهي. ڇا ڪري-
ڪَرنل قذافي!!

❖

تي پيَئي تلافي،
پَر، جي پيدا تي پون
بيا پي قذافي.

❖

اُڏري آيو هوس،
سوُنهن سڏيو. مان سِج جئن-
اُيري آيو هوس!

❖

نيئَر[1] ڇِني نڪتس،
بوسٽ تي هِي سونهن ڪي،
هيَر[2] بڻيس: پهتس.

---

[1] نيئَر = زنجير (پيرن جا).
[2] هير = ٿڌڙي هوا.

❖

هت نه ايندو ساڻ،
سونهن! مون کي سوگهو پڪڙ،
گم ٿي ويندو ساڻ!

❖

ڏاها شيخ اياز!
ڇو نه پروڙيا ڪنهن اجا-
تُنهنجا رِندي راز؟

❖

احمد شاهه اُستاد[1] !
ڇونه اُٿيا تيشا کڻي-
تو وارا فرهاد؟

❖

مُحسن ڪَڪَڙائي!
تُنهنجي آهه، نه ڇو اڃا-
اُبَ سان ٽڪرائي؟

❖

سَرڪش، او سَرڪش[2] !
ڇا، سڀ خالي ٿي ويا-
تُنهنجا يي تَرڪش؟

❖

شاعر: قاضي[3] گُل!
ڏس ته ڏياريا شاعريءَ-
توکي يي کي بُل؟

---

[1] احمد شاهه أستاد = استاد بخاري.
[2] سرڪش = سرڪش سنڌي.
[3] قاضي = قاضي مقصود گل.

❖

چئجـــي ســـچ صفـــا،
ســورَ نـــ لاٿــا ســيمَ[1] جــا-
تـــو- مـــون يـــارَ وفـــا[2] !

❖

بـــــُـــــدندو وچ بيـــــداد[3] !
ڪـُــبڙي جهـــُـورُ فقيــر جـي-
درد پـــــــري فريـــــــاد!

❖

سياســـي چوســـر بـــازَ! [4]
بـُــڌ: هــن جهـــُـور فقيــر جــون-
آهـــــون ۽ ايـــــلازَ[5] !!

❖

گـُـوندرُ، گـُـهٽَ، گـــهڏڪيون،
اُڏڪـــن تـــي ســـُـڏڪا وتـــر،
هـــورَن[6] تـــي هـــِـڏڪيون!

❖

ســـهٽا- ســـُـــرها گـــل! [7]
چـــاهيندو هـــان مـــان ســـدا-
جهولـــيءَ تـــُـنهنجي جـــُـهل[8] .

---

[1] سيمَ = ڏرتي، اُها جوءِ جتي مال چرندو آهي.
[2] يارَ وفا = وفاناتن شاهي.
[3] بيداد = بي انصاف.
[4] سياسي چوسر باز = ٺَگَ.
[5] ايلازَ = منٿون.
[6] هورَن = اوسيئڙو، ڳڻتيون.
[7] سهٽا سُرها گل = 7- سيپٽمبر 1988ع مقصود گل ڏي لکيل خط جو سِرو.
[8] جهـل = جهـلي پوڻ.

❖

مون تي تُنهنجو منڊُ،
تون تارن جي وچ ۾– [1]
اهڙو: جهڙو چنڊُ!

❖

مُرڪڻ تُنهنجو منڊُ،
تون سرتين جي وِچ ۾–
تارن ۾ جئن چنڊُ!

❖

سنڌوءَ جا بئي ڪَپَ[2] ،
دوهو شيخ اياز جو–
يا، ڪنهن سُندريءَ چَپَ!

❖

ڪاڳر تي لِيڪون:
سوچي ڏِسُ تہ هِي سٽون،
ويچَن تي وِيڪون[3] .

❖

ڪاڳرَ تي جملا:
يانءِ تہ هڪ هڪ حرف آ–
هبچين[4] تي حملا.

---

[1] تون تارن جي وِچ ۾ = 12- ڊسمبر 1989ع مقصود گل ڏي لکيل خط جو سِرو.
[2] ڪَپَ = ڪَپر.
[3] وِيڪون = ٺوڪون، چَٽرون.
[4] هَبچين = لالچي، هَبچَ وارا.

❖

ڪاڳرَ تي ٽُيڪا:
هنڌ- پَرين جي هانوَ ۾-
چاقن جا چُيڪا!

❖

ڪاڳرَ تي ڪَوتا:
ڏاڍن کي ڏڪٽي وٺي-
پاڻي تيئن پِتا!

❖

ڪاڳرَ تي لِڪٽي:
اُجري، اَبهم ٻارَ جي-
منهن تي، منهن - رڪٽي[1].

❖

اُکڙي ويو آهيان،
شايد پنهنجي ذات کان-
وِڇڙي ويو آهيان!

❖

قَتڪان يا قَتڙان،
پراڻي پهَراڻ جئن:
پو ٻه نه ٿو اُڌڙان!

❖

وڙهندو پيو ويندس،
وقت! ائين ڪو سولڙو-
پرزا مان ٿيندس!

---

[1] مُنهن- رڪٽي = ڪانيءَ جي ٽن ڄنگهن واري گهوڙي. ننڍڙي ٻار جي مٿان رکي ڪپڙو وجهبو آهي، جيئن ٻار جي منهن کان ڪپڙو پري رهي ۽ ڪيس مڇر يا مکيون بہ تنگ نہ ڪن.

❖

چٽنگائي تِيليون:
ٻارن اُجليون اُپ ڏي-
ڪِوليون چمڪيليون!

❖

چٽنگائي تِيليون:
ٻارن ٻُرڪيون رات تي-
ڪِرٽن جون ڪِيليون[1] !

❖

نيليون ۽ پيليون:
ٻارن، ٻاريون عيد تي-
چٽنگائي تِيليون!

❖

اڄ، او ٽانڊاٽا!
پاڻَ ٻه ڪاريءَ ٻاٽَ ۾-
ڪي چِٽيون چانڊاٽا.

❖

ويجهو ڪوبه نه گُلُ:
روزُ اچي هُن بير تي-
روئي تي بلبل!

❖

تُوريءَ آءُ ائين:
پُوري چِٽائين گُهگَهي-
پاٽيءَ رَيءَ جيئن!

---

[1] ڪِيليون= ڪِوليون (ڪِيليون به چوندا آهن).

❖

تــــوريءَ مـــــان اهــــڙو:
پن- ڇڻ رُت ۾، ڪنهن ڇـَـٽيلَ-
پيلـــــي پــــَــــن جهــــڙو!

❖

چونـــــــدو آيـــــو هـــــانءِ:
”مـون ڪـي چـور نـــ او ميـــان!
چيـــري وجهنـــــدو مـــانءِ.“

❖

بيشـــــڪ ســُـــڪ نـــ ڏي،
وقـت! چـــڙي تـو اڄ چـوانءِ:
”اُجلـــــــي ڏُک نـــــــ ڏي!“

❖

ڏرٽـــــــيءَ[1] ۾ ڏرجـــــــان-
تـڏهين ٿـي، پـر مـون طـرف:
واهونـــــــــدا! وَر جـــــــان.

❖

ڪـــَـــڙهائيءَ ڪڙهـــان:
پـوءِ بـــ پنهنجـي پـونءِ جـو-
ڪلمـــــــو آءٌ پڙهـــــــان!

❖

ڪـــَـرٽن ۾ ڪـــَـتجان:
عمـــر ســـڄي اَنيـــاءَ ســـان-
وِڙهنـدي، مـــان ڦـــَـتجان!

---

[1] ڏرتي = جانبھ، چڪي.

❖

وَڏجان يا ڇلجان،
اڇجان، پياري! پوءِ پي-
مهل[1] متي ملجان!

❖

آءُ بلاول هان،
سچي سنڌياڻيءَ جي-
پيٽان ڄاول هان!

❖

سُلجهليل سُت نہ آ،
رات لڙي آ، پو بہ گهر-
آيو پُٽ نہ آ!

❖

اَويلي - ويلا: [2]
هڪڙي پُٽ جا ماءُ پيءُ،
گهرَ ۾ اَڪيلا!

❖

مَنُ مري ويو آ،
هڪڙو پُٽ سڪيلڏو-
سو بہ، ڪَرِي ويو آ!

❖

ساهُ پيو ويندو:
تيسين ڇانئڻ ۾ اکيون،
جيسين پُٽُ ايندو!

---

(1) مهل = ساڳي مهل تي.
(2) اَويلي- ويلا= اَويلي مهل.

❖

أنـــــداري ڪوئـــــي،
مـان ۽ منهنجي زال ٻـَئـِـي-
اُٺ بنـــــان اوٺـــــي!

❖

فيـــوز اُڏامـــي ويـــو،
ڪمرو، ڪـُـڪڙن جي ڪُـڏي-
بلـــب وِســامي ويـــو!

❖

ڳالهـــ ڳـري تـي پئـي،
اوندهـ، گرمـي ۽ مـَچـَـر:
بجلـي بنـد تـي وئـي!

❖

تنهنجـو منهنجـو ميـلُ[1] :
دنيـا جـي اسـِٽيج تـي-
جيـون- پـِـر جـو کيـلُ.

❖

تـُنهنجو- منهنجو سنگُ[2] ،
ڪـوري[3] لٽـي جـي متـان-
جهـڙو اَڻ- ڦـِـٽُ رَنـگُ!

❖

تـُــنهنجو- منهنجـو پيـارُ:
پينگهـي ۾ جئـن پيـو لـُـڏي-
ڪوئـــي اَبهـــم ٻـــارُ!

---

[1] ميلُ = ميلاپ.
[2] سنگُ = ساٿُ.
[3] ڪوري = نئون.

❖

وِڪَ وِڪَ خطرو- خوفُ:
ڪمپيوٽر جي دَور ۾-
عامُ ڪلاشنڪوف!!

❖

ماٺو تاتي مالُ:
’هيروئن[1]‘ جو حڪم ٿئي-
جا تي استعمالُ!

❖

پوپَٽُ ڪولي پَرَ،
جئن اُڏري و، تِئن هڪ ڪَبر-
پهتس ٻڃي جَرَ!

❖

آڳ متان اُلريو،
قُوتُ[2] ٻٽيو هڪ ڪانوَ جو-
پوپٽ جئن اُڏريو!

❖

سِج لهي تو پيو،
آڏو ڪَڪريون ڄڻ ڪُتلَ-
رَت وهي تو پيو!

❖

سِجُ ٻُڏي تو پيو،
ساگر ۾ سونو تنيو-
ڄڻ تہ لڏي تو پيو!

---

[1] هيروئن = نشي واري.
[2] قوت = ڪاڄ، ڪاڏو.

❖

ڏاڙهونءَ جهليا گُلَ،
ڇورا هٽن ڇاپڙون-
هيئان ڪائي ٻُلَ!

❖

هتان لنگهيو 'هُو-
يا، آيو هُن باغ مان:
واهُ ڪٽي خوشبو!؟

❖

ڪويل ڪُوڪي ٿي:
نانگڻ ياد پرينءَ جي-
مون تي شوڪي ٿي!

❖

هي، 'گُل- گيندا' ٻيا،
۽ آفريقا جا جانورَ-
سي، ڪُل- گيندا ٻيا.

❖

سوچ ڪُڏي[1] تنهنجي،
ٻُت تي ٽِندڻيون ٿيون چڙهن-
ڳالهه ٻڌي تُنهنجي.

❖

ڇَرڇَر ۽ ڇينگهٽ:
ڇُپ نہ ٿا ڪن ڪَا گهڙي-
رَڪشن جا رِينگٽ!

---

(1) ڪُڏي = ٻَچڙي.

❖

گـاڏين جـي ’گَـــرِگَـــرِ‘،
ڏينهـــن سمـــورو روڊ تـــي-
اســڪوٽر: ’ٽَـــرِٽَــــرِ!‘

❖

مُــنهَـــن تــان وارَ هٽــاءِ،
ڪارن ڪڪـرن جـي پنيـان،
ســورج ڪـي نـه لـــِڪاءِ!

❖

تـــي ويـــا ســـالَ اَٺئـــي،
ڪوڻ پڇيئہ مون ڪان ڪڏهن:
”ڪهـــڙا حـــالَ اٿئـــي؟“

❖

ٽيـــڙو جئـــن اُيَ تـــي:
منهنجون ڪاغذ تـي لڪيـل-
ٽهڙيـــون ســـــِٽون ٽـــي.

❖

مســــــوازي گهـــــرَ ۾ :
ڇَـت نـہ روڪـي مينهـن کـي،
مـــاٺهو ڇـــڻ بـــَـــرَ ۾ !

❖

اُجـــــا هيڪـــــــاندا،
ڪَـــليءَ[1] ۾ پــاٽي: رڳــو-
پويـــــان پاڇـــــاندا!

[1] ڪَليءَ = بڪريءَ يا هرڻ جي کَل مان ناهيل پاڻيءَ پرڻ واري مشڪ.

❖

اَڪــرُ ڪونــــ ڪــُـــچن،
ٺُنگر- مــَٽڪين ڪي ڏِسي:
پياســـا لـــِـگَ لـــُـــچن!

❖

رَڱَ رَڱَ ريٽـــــــــو رَتُ،
اســـان مـــاٺهو ســـنڌُ جـــا-
ڳچـــــيءَ لايـــــون وَتُ!

❖

مـُـنڍيءَ تـي جـِـن تـــِـڪَ،
اســان مـــاٺهو ســـنڌ جـــا-
ڳالهـ ڪنـدا هـون هـِـــڪَ.

❖

ســانوڻ رُتِ جـــا مينهـــن،
اســـان مـــاٺهو ســـنڌ جـــا-
ٻيلـــي- مـَـــچريا شـــينهن!

❖

شـــــــهزادا، شــــــــهزورَ،
اســـان مـــاٺهو ســـنڌ جـــا-
ڪچهريـــن جـــا مـــور

❖

پـَـــڌرا پـــَڳـُـــن- پيـــچَ،
اســـان مـــاٺهو ســـنڌ جـــا-
سورهـــِـــــ ءِ ســـــرويچَ!

❖

ڊوهـــــَـــ! اســــان ڪـــان ڊِڄُ:
اســـان مـــاڻهو ســـنڌ جـــا-
ڪـــــــاوڙ- ويلـــــــــي وڄِ!

❖

ڪيـــــڏو پنـــــڌُ ڪـــــري-
آيو جنهن وٽ، تـِـنهن چيس:
”مـــون ڪـــان تـــيءُ پـــري!“

❖

هـــَـــٿَ- وڏائـــيءَ چيهـــُــــــ،
آيـو جنهــن سـان هـو مــلڻ-
تنهـن نـ چيس: ”آ- ويهـــَـــ!“

❖

ڦهريـــــن رات پـــــَــــــرڪَ:
تـــــورا تـــــڌا ســــــاهـ، ۽-
بـــ- ٽـــي ٻـــــٽا ٻـــَــــڪَ!

❖

ڪوهـ ڪهيـن تـو ڪـانگَ!
ڇـــا، ڪـــو اڇڻـــو آ وري؟
ڇا، ڪا ڇـِـٻندي تانگَ[1] ؟

❖

ڇـــا تـــو ٻوليـــن ڪـــانوَ!
ڇـا، ڪـو اينـدم ڇـاپري[2] ؟
ڇـا، ڪـا ڇـَـٽندي ڇانـــَــوَ؟

---

[1] تانگهہ = سڪَ، ڇڪَ.
[2] ڇاپري = ڇـَـن، ڪکائون گهر.

❖

اوشل ديس وَسي!
موٽي پنهنجي عمر جا-
پِهريان ڏينهن پَسي.

❖

مُرڪَن مانيٽيون،
پينگهون لامُن ۾ بَڌي-
لُڏن لاڪِيٽيون!

❖

وِگَر ساڻُ وجن،
ڪَنڌُ مروڙي ماٿ جو-
ڪُونجون ڪَرڪَا ڪن!

❖

ڪُتّن خاموشيون،
ڍَڪيءَ[1]، ڍِڪن ڏوپ[2] لئه-
ڪُنديون ۽ گوشيون! [3]

❖

ڏرتيءَ اُڪِريا هَڏَ،
سيما- سيما[4] مورچا-
ڪيتر-ڪيتر[5] ڪَڏَ!

---

[1] ڍَڪيءَ = سج اُڀرڻ کان اڳ.
[2] ڍِڪن ڏوپ = ڏيڻ لئه ڍڪون ڪن.
[3] ڪَنُديون ۽ گوشيون = مينهنِ جا قسم.
[4] سيما- سيما = جڳهه جڳهه.
[5] ڪيتر-ڪيتر = پرڳڻي پرڳڻي. (علائقي علائقي).

❖

ڏرتــــيءَ ڪهـــڙو ڏوهـــ؟
وکَ وکَ کوٽيـــل خندقـــون-
پَـــڳِ پَـــڳِ[1] چمڪي لوهــ!

❖

ڳٽيـــون ويندـيـــون ڪيئـــن،
هيـــلَ بـــ توبـــن اوپريـــن!
عيـــدون ٿيندـيـــون ڪيئـــن؟

❖

نـــ تـــو ســـورَا چـــڏين،
پيـو تـو نـَـئين- ســـر نـوان:
مـــنَ ۾ مـــَـــڏَ[2] آڏيـــن!

❖

نـــ تـي ســـڪ مـُــڙين،
ڊَهنـــدي ڊَهنـــدي تـــي وري-
موتيـــو جـــجِ[3] جـــڙين!

❖

نـــ تـــي آسَ تـُــــٽين،
دَبجـــي دَبجـــي تـــي وري-
ڪـــائي قـــات قـُــــٽين!

❖

نـــ تـــو مـــوتَ مريـــن،
ڳـوٺَ اُجـاڙي، پـونءِ جـــو-
پيـــو تـــو پيـــٺ پريـــن!

---

[1] پَـڳِ پَـڳِ = قدم قدم تي.
[2] مَـڏَ= ٿاڪَ (لـڪن جون جايون).
[3] جـِج= مَـجِذوَ (بلاڙي).

❖

راوَڻَ ڪري رَنيءَ،
ڳوڙهو ڳيري ڪي هنيو-
ڪنڍڙي ويا ڪَنيءَ!

❖

تئن تو ورهه وڏي،
'ڪانَ- ڪُنو'[1] جئن ڇهنب سان-
وَڻَ ۾ ٽُنگ ڪَڏي!

❖

چانڊوڪيون راتيون
چَنڊ- چُمڻ جون خواهشون
ڪاسائن- ڪاتيون!

❖

راتيون چانڊوڪيون
ياد پيون تُنهنجون پرين!
ياڪيون[2] ڪالهوڪيون.

❖

راتيون اونداهيون:
پر، هُن پهاڙيءَ پنيان-
ٽمڪن تيون باهيون.

❖

اونداهيون راتيون-
۽ هي ڪاڙهو[3] تو ڏَسي:
پونديون برساتيون.

---

[1] ڪانَ- ڪُنو = هڪ ننڍڙو پکي. جيڪو وَڻ جي ٽُڙ ۾ ٽُنگ ڪري رهڻ لاءِ جاءِ ٺاهيندو آهي.
[2] ياڪيون = ياڪرَ.
[3] ڪاڙهو = گرمي، رَڳهه.

❖

جـــُــــهڙياليون راتيَــــون:
ساگرَ منجهہ سـِـپيون لـڳن-
بونـــــدن لئـــــ آتيــــون!

❖

راتيـــون جــُـــهڙياليون:
مون نہ اڳي، اُپَ جون ڏئيـون-
هيئـــن اڪيـــون آليـــون!

❖

ها! پـَـر ڪنهـن جـي ڪـاڻِ،
وَٽجـــارا! آنـــدءِ هتــــي-
ســـاڻُ ڪٽــــي ســـرهاڻِ؟

❖

تــون تـــ چويـن تـو: ”پـاءِ-
قـاهي پنهنجــي ڪنـدَ ۾،“
”ها! پـر ڪنهـن جـي لاءِ؟“

❖

ڪُڪڙا! ”ڪُڪُـڙوڪُـون“:
ٻــانگون پوئيــن رات جـــو-
ڏسِ! چــو ڏيــن تــو تـــون؟

❖

ڪُڪَـڙا! ”ڪــُــڪڙوڪون،
ٻــانگون ڏينــدي رات جـــو-
ڇـا تـــو ســـوچين تـــون؟

❖

ڪڪڙ! ”ڪڪڙوڪون“-
سُتا، اُٿندا بانگَ تي:
چا تو پانئين تون!

❖

اُيَ تي چاهي نيٺ؟
ماٺهن سان مِل- جُل اچي،
چند! لهي آ هيٺ!

❖

اُيَ ۾ چا هي نيٺ؟
مون سان گڏجي گُهم اچي،
چندَ، لهي آ هيٺ!

❖

چَند! لهي آ هيٺ،
پونءِ پَلي آ اُپ کان-
اُيَ ۾ چاهي نيٺ؟

❖

چند! لهي آ هيٺ،
بَس، ڪجھ تارن کان سرا-
اُيَ تي چاهي نيٺ؟

❖

دَپَ، اَڙي او دَپ!
چو، هي مُڪئ مُلڪ ۾:
ساهَ- پياڪا[1] سَپَ؟

---

[1] ساهَ پياڪا = ساھ پيئندڙ.

❖

خوفَ، اَڙي او خوفَ!
آندءِ منهنجي مُلڪ ۾-
ڪيئن ڪلاشنڪوفَ؟

❖

گهوڙا ڙي گهوڙا!
موتَ بہ گهر گهر ۾ وڌا-
ڪيڏا تاڪوڙا!

❖

ڌرتيءَ جو گولو:
اوندهہ ۾ پٽڪي پيو-
بارودي شُعلو!

❖

ڪَهلَ....؟ڪتان آئي!
ڌرتي ڌاڙيون ٿي ٿِئي،
اُپُ تماشائي!!

❖

توريءَ ڪيئن ڪُڏان؟
آءٌ هِندورو، ڏورِ تون-
لَوڏو ڏي تہ لُڏان!

❖

تنهنجي ڪهڙي باتِ؟
تون مُڪڙين جي پيٽ ۾،
۽ مان واڳڻ- واتِ!

❖

منهنجي ڪهڙي ڳالهہ؟
آءٌ نسورو لوهہ، تون–
پارس روپي[1] – ٽالهہ.

❖

منهنجو ڇا مقدارُ؟
مان چشمو، تون پئسفڪ[2] –
تُنهنجو آرُ نہ پارُ!

❖

تُنهنجو ڪهڙو ڏَنگُ؟
اَڻ- ڪُٽ، اَڻ- مٽ تون سدا،
منهنجو ڦيٽڙو[3] رَنگُ!

❖

تنهنجي ڪابہ نہ حَدَ،
تُنهنجي آڏو ڇوٽڙا–
سڀ قداور قَدَ!

❖

ڪارا نانگ ڪَکن[4] :
ڪاهوڙي تِنهن جُوءِ ۾–
خطرو ڪونہ لکَن[5] !

---

(1) پارس روپي = چانديءَ جي ٽالهہ ۾.
(2) پئسفڪ = هڪ سمنڊ.
(3) ڦيٽڙو = ڦِٽي ويندڙ.
(4) ڪَکن = ڏنگن.
(5) لَکَن = پانئن.

❖

رِڇن- رِيڇاڙيون:
ڪاھوڙنِ تنھن جُوءِ ڏي-
قطارون لاڙيون!

❖

بَگھڙ تا باھن[1] :
ڪاھوڙي تنھن جھنگ ۾-
لَڏا تا لاھِن!

❖

چيتن- چنگھاڙون:
ڪاھوڙي تِنھن جھنگ جون-
ڪوتِن پيا پاڙون!

❖

ڪَنڊ ۾ ھارڻ،
تڏھن: جڏھن تون سِڪين-
مَرڻ ۾ مارڻ!

❖

لالُ ڪڏھن پيلي:
ڏِسجي تي ھوءَ ڇوڪري-
چٽنگائي تيلي!

❖

ٽم- ٽم ٽانڊاٽا:
ھَو ڏِسَ، ھيڏيءَ باٽَ ۾-
ڪيڏا چانڊاٽا!

---

[1] باھن = اونايون ڪن (پوئنڪن).

❖

آئي فون هُئي:
حاضر گهرَ ۾ ڪانہ هَس-
تڏهين آءٌ مُئي!

❖

نِينڊَ تہ آئي هي،
پَر، مون پيرن کي تڏهن-
ميندي لائي هِي!

❖

ماٺهو مُڪو هو-
تو، پَر: گهرَ جو دَرُ تڏهن،
بند تي چُڪو هو!

❖

ڏوراپا نہ ڏِجانءِ،
منهنجون ڪوتاهيون سيئي،
مَنڙا! معاف ڪجانءِ!

❖

آءُ، اچي بُڌ تون،
سَرتي! تُنهنجي سونُهن تي:
گيتَ لِکيا هِن مون.

❖

آءُ: اچي پَڙهہ تون،
تُنهنجي جويَنِ تي لِکيل-
منهنجو ڪوتائون.

❖

آءُ، اڇـــي ڏِسُ تـــون،
تصويرون تُـــنهنجون سوين،
نـــاهيون آهـــن مـــون!

❖

تولئـــ تـــَـنُ تـــانگهي[1]،
چاهيـان تـو: تـوڏي اچـان-
آڙَهـــَــــــ اورانگهـــي!

❖

ســُـــجَ چـــڏي وئـــي آ:
پـــاڙي مـــان پاڙيســـرڻ-
ڪالهــ لـــَـــڏي وئـــي آ!

❖

جـــانِ جلـــي وئـــي آ،
هوءَ، جـا چـَــندو هـانوَ تـي-
ســابہ هـَلِـــي وئـــي آ!

❖

ڪـــانوَن- ڪـــانگيرو:
نـانگُ بـَـچا کـائي ويـو-
اُجڙيـــــو آکيـــــرو!

❖

گـــهنگهـــُـرو ڇڻڪــن تــا:
نَـنگَُ ڇڏيو، جَـتَ پيـا وڄن-
ڪـــَرها[2] ڪڻڪــن تــا!

---

[1] تانگهي= تاٺي.
[2] ڪَرها = اُٺَ.

❖

سينا سَلجن[1] پيا،
گهوڙا! پنهنجي پُونءِ تي-
دشمن پَلجن پيا!

❖

اَڪئين عينڪ بارُ،
پوڙهو اَسي سالَ جو-
سائيڪل تي سوارُ!!

❖

جَر ۾ جئن ڪُوٽيرن:
مَنَ ۾ تُنهنجون، تئن قُتيون-
ساجن! سارُوٽيرن!

❖

تَنگئين ڪون تُئو[2]،
پينگئي مالڪ جو گڏهه-
تَچڪي اُس- مُئو!

❖

فهمي[3] البيلي!
اڱڻ مَهڪئي نازبُو-
چوٽي- چنبيلي!!

❖

سي لڳ واسيا تي:
پنهنجا رَاز ڳُجها سيئي-
مون سان باسيا تي!

---

[1] سَلجن = سَل (سوراخ) تين.
[2] تُئو = سَر جي پنن مان ناهيل تڏو.
[3] فهمي البيلي = فهميده شرف بلوچ ڏي لکيل هڪ خط جو سِرو.

❖

هي جو تنهنجو خَطُ:
ڪَمُ ڪيو آ تيرَ جو-
ڇا تہ قلم جي قَطُ!

❖

آسَ پُڇي تي ڪانہ،
گوري! ٿوري دير لئہ-
منهنجي گَهرِ يي آ نہ!

❖

ڪُڪڙ آري[1] تي:
واهيو[2] وينو آ متان-
ڪُڪڙُ ڪاري تي!

❖

پُورو- ناسي رَنگُ:
ويهي منهنجي هَٿ تي-
ڏينيوءَ نوڪيو ڏنگُ!

❖

تُنهنجو ڪهڙو ديسُ؟
پَترَ تُنهنجو هانءُ، ۽-
ريشم تُنهنجو ويس!

❖

هڪ حيرت، بيو آنءُ،
هوءَ جا ڪَڙي پير جي-
اندلٽ اُن جو نانءُ!

---

[1] آرو ڪرڻ = ٻڄن ڦُٽڻ تائين ڪُڪڙ آنن تي ويٺي رهندي آهي. انهيءَ عمل کي آرو ڇئبو آهي.
[2] واهيو = واهت ڪرڻ وارو (چوڪيدار).

❖

جنهن جو نعرو "آنءُ":
سمجهہ اتس نَنهن جيتري-
آندي جيڏو نانءُ!

❖

ڪاڳر ۾ ماني،
"اوڙي! اوڙي!" پيو چوي-
مون ڪي مڪراني.

❖

هُو، جو ذهن خسيس،
نالي ۾ نوشيروان-
اندر ۾ ابليس!

❖

چاپُڙَ جهڙا انانَ:
ٻَڙڪيل ديڳ تَنور[1]، ۽-
پوتين جهڙا خانَ[2]!

❖

مَڙهين[3] جو محتاجُ،
پاڻَ ٺائي مورتيون-
پوڄي پاڻ سماجُ!

❖

هي جو آهہ سماجُ،
ريتين[4] جي واپار جو-
آهہ ڪندو ڪَمُ- ڪاجُ!

---

(1) تَنور = تَنور (تندور) جون مانيون.
(2) خان = مانيون پچائڻ وارا پٺاڻ- افغان.
(3) مَڙهين = هندن جون عبادت گاهون- ٽڪاڻا.
(4) ريتين = رَسمون.

❖

اهڙي ڪنهن جي حاجَ؟
جيئن لڪان پيو هائڪا-
توتي آءٌ سماجَ!

❖

ڇا لئہ ساڙُ سماجَ!
ڏات- ڏٺي ناهن ڪڏهن،
شهرت جا محتاجَ.

❖

منهنجو ڪهڙو وَسُ؟
تُنهنجو، ساري ڳوٺ ۾-
ڪون ڏنو ڪنهن ڏَسُ!

❖

ڪون هلي ٿو وَسُ،
بڻجي ويو آ پُلصراط-
تُنهنجي گهرَ جو گسُ!

❖

رَئيس وڏو ڪَٽَ تي،
بيا سي ماڻهو ڳوٺ جا-
جوُتن جيان پَٽَ تي!

❖

نڪُ بصر جي بُوند،
هڪ هڪ مُڇ رَئيس جي-
هاٿيءَ جي ڇڻ سوُند!

❖

لـــُـــڙڪ چِٽيـــا آڪـــاشَ،
اونڌهـــــــــــ، آڏِي رات، ۾-
چـــار چِٽـــا، هـــڪ تـــاشَ!

❖

هرڪـــــــا اڪ ســـــــوالُ،
ڪـِرڪـِٽ: سـَـتَـ- اَٺ ڇوڪرا،
گـَـــَـــــٽر ۾ ويـــو بـــــالُ!

❖

تـــالهيون، گهـــاٽي ڇـــانوَ،
آيـــــــا آڪيــــــــرا اَڏَڻ-
ڪـــــانويليون ۽ ڪـــــانوَ.

❖

مـــــينهن نـــــمون ڏوتيـــون،
چُـَـهنبون چـُـهنبن سان مليـل-
طوطـــــــا ۽ طوطيــــــــون.

❖

ڪالهـــــ ســـُـــڪا ڇـــوڏا،
اڄ اُهـــي ســـيئي ڪجيـــون-
ڏوڏا ئــــــــــــــــي ڏوڏا.

❖

موســــــــم جـــــــا دوڏا:
ســَـڪر، ميــرس[1] ، روهـــڙي-
جـــــوءِ ســـــــچي ڏوڏا.

---

[1] ميرس = خيرپورميرس.

❖

مَروئيءَ[1] - مهڪارَ،
ڳائن ڳيچ ٽريلين-
ڏوٽي ڇارين- ٽارَ.

❖

سَرتي ڪيئن سڪي؟
ڪاٻ "مَروئان[2]" ڪانَ آ-
"ڪَجليو[3]" ڪير لِکي!؟

❖

هُن جي ڪُل موڙي،
جھڙو اُپ تي ڏانگڙو[4] -
ڪُولھڻ جي ڇُوڙي.

❖

مُنهن نہ موهيڙا،
هيل بہ ٿَر ۾ ڪونہ ٽيا-
ساوا روهيڙا!

❖

عورت سيرانديءَ،
مرد هميشہ آ رهيو-
ڪُٽَ جي پيرانديءَ.

❖

ويٺو هين وِهنجي،
پر، هوءَ ايندءِ ڪونہ اڄ-
گھُرج اَٽئي جِنهنجي!

---

[1] مَروئيءَ = ٿَر ۾ نازبُو کي چوندا آهن.
[2] مَروئان = ڪولھڻ: جنهن جو ڪاري پيل سان عشق هو.
[3] ڪَجليو = ٿري لوڪ گيت مَروئان، ڪاري جي عشق ۾ لکيو هو.
[4] ڏانگڙو = اندلٺ (ٿري ٻوليءَ ۾).

❖

ايڏو ڪُوڙو پيارُ!
دل مان اِينءَ ڪڍي ڇڏيئہ-
جيئن مَکڻ مان وارُ.

❖

ڏاها پَلئون- پَلَ،
پر، ڇا ڪوئي وارَ تان-
لاهي سگهندو ڪَلَ؟

❖

بيهه اتي بادلَ!
مون کي اُن وٽ هَلُ ڪٽي-
جنهن جا ڪنوٽيون ڳَلَ.

❖

روءُ نہ او ڪَڪري!
ساگر- ڏَڻ سان مِلُ ڏُڪي-
هيڪلڙي ٻِڪري!

❖

چنبڙيس چيلانو[1]،
ٻارَ ڪيون ايڏيون رَڙيون-
هانءُ پِئي ڦاٿو.

❖

ويندن سان ويڙهاند،
ڏُکين ڏُکين ڏيکريون[2]-
"ڦِرڦِر سوٽي" راند!

---

[1] چيلانو = عام ڏينيوءَ کان وڏي هڪ ڏينيوءَ جو قسم.
[2] ڏيکريون = ڪَچ- بالغ ڇوڪريون.

❖

ريذل[1] سارو راجُ،
ڪاڙ نہ ڪنهن جي سي ڪدين-
ڪُوڪڙ[2] جن جو ڪاجُ.

❖

پمرين،[3] جا پُونيٽَ،
تر ۾ سندر سوڪڙيون-
ڪوڪڙ ۽ ڪُونيٽ[4].

❖

ڪجهہ ڏيئون، ڪجهہ ڏگَ،
سيءَ ۾ گڏ تِڙڪول[5] تي-
وينا سيڪن لِگَ.

❖

ڪجهہ مايون، ڪجهہ مِيتَ،
گرميءَ ۾ گوچارَ[6] تي-
گڏ پيا ڳائن گِيتَ.

❖

چوريون، چيلا- چانگَ[7]،
سِينن تي چاڙهيل سگيون-
پُنيان لڙڪيل نانگَ!

---

(1) ريذل = ريجهيل- خوش راضي.
(2) ڪُوڪڙ = سڪل پيرون.
(3) پمرين = پنيوريون يا گهَريتڙيون.
(4) ڪَونيٽ = تر جو هڪ ڦَلُ.
(5) تڙڪو = پٽ جو اهو پاسو جنهن تي سج جو تِڙڪو پوي.
(6) گَوچارَ = پٽ جو اهو پاسو جنهن تي تِڙڪو نہ پوي.
(7) چانگَ = ولَر- ڌَڻ.

❖

لاڏوُ- اُٺ، قطـــــــار،
نـَـڪين نـاڪيليون پيــل-
جـَـت جـي هـَــتِ مـَــهارَ.

❖

لاتــي مـــــينهن جهــڙي،
ڪـاچي ۾: ميهـــا /ونگــا-
رُپئــي منجــــ ڏڙِي [1].

❖

جــامَ ٽيــون جـُـــواريون،
بينيـون پيــهـِــن تــي چڙهــي-
جهــارِ تـَـــڙن ڪـُــنواريون.

❖

ريپــــــَــڙ[2] ۽ رانهـــــان-
ڪـاچيو وَسـيو ڪيــچ ٿيــا-
گـــــدرا ۽ چانهــــــان.

❖

ڪـُــــنييون، چيــڙ، چــوڙَ،
چاتــِـي قـاڙي پـُــونءِ جــي-
نڪـري پيـا پـُــون[3] - قـوَڙ.

❖

هرڪـــا جـــــند وَســـي،
سـيني جـِـندڙين جـا ڏٽــي!
ســـاري ســـنڌ وَســـــي!

---

[1] ڏَڙِي = ٻهراڙين ۾ اڳوڻن پنجن سيرن جي وٽ کي "ڏَڙِي" چوندا آهن.
[2] ريپـَـڙ = عام گدرن کان ننڍي، گدرن جي هڪ جنس.
[3] پـون = ڪُنييءَ جو هڪ قسم. جنهن جو مـَـٽو عام ڪُنييءَ کان وڏو ٿيندو آهي. هي جڏهن ڏرتيءَ مان اُپرندو آهي تہ چار چار آڱر چوڏاري زمين ڏري پوندي آهي.

